ॾियारी माना ॾीअनि वारी, याने दीपावली. हीउ ॾियारी तहेवार भारत में हिन्दुनि जो वॾे में वॾो तहेवार आहे, इहो तहेवार भॻवान श्री रामचंद्र सां जुड़ियल आहे, जंहिं खे श्री वालमीक पंहिंजे ''श्री रामायण'' पुस्तक में मर्यादा पुरषोत्तम रामचंद्र करे पधरो कयो आहे. इन ॾिण खे ॾीअनि जो ॾिणु इन करे थो कोठजे, छो जो उन ॾींहुं रात जो शहर-शहर, ॻोठ-ॻोठ, घिटीअ-घिटीअ ऐं घर-घर में ॾीआ याने दीप जलाया वेंदा आहिन ऐं श्री लक्ष्मी माता जी पूॼा खां अॻु मेल्हारा (मशाल) ॿारण जो रवाज आहे. ॾीअनि ॿारण या मशाल ॿारे रोशनी करण जो रवाज छो पियो? छो जो जॾहिं श्री रामायण काव्य-नाटक जो मुख्य किरदार श्री रामचंद्र पंहिंजे पिता श्री दसरथ पारां पंहिंजी माता केकईअ खे ॾिनल वचन पूरो करण लाइ चोॾहां साल बनवास भोॻण बन में हलियो वियो हो ऐं कुटिया ठाहे उते ई रहण लॻो हो ऐं हिन सां गॾु पतिव्रता पत्नी सीता (जंहिं खे सीता माता जो लक़बु मिलियो आहे) ऐं संदसि भाउ लक्ष्मण पिणु वियो हो, जॾहिं कि श्री राम, अकेलो बनवासी थी बन में रहण जी सज़ा काटण थे चाही पर वेनती भरीअ मिन्थ सबब हुन इन्हिन खे साण कयो. जॾहिं चोॾहां साल बनवास जा पूरा करे वापस अयोधिया राज्य में मोटी रहियो हो, तॾहिं ऊंदाहियूँ रातियूँ हुयूं. सॼे राॼ में श्री राम लाइ जनता में ख़ूब श्रद्धा ऐं इज़्ज़त हुई, सो ई उन जी वापसीअ जो बुधी, श्री राम जा ॿ भाउर भरत ऐं शत्रुघन समेत आम जनता जा हशाम हथनि में मशाल खणी ॿारिया ऐं राजा श्री राम जी राह रोशन करण ऐं स्वागत करण लाइ सरघस जे रूप में अॻियां वधिया. ख़ुशी ज़ाहिर करण लाइ आतिशबाज़ी ॿारी ऐं आतिशबाज़ी ॿारण जो रवाज पियो जो अॼु ॾींहं ताईं हलंदो पियो अचे. घरनि जी भितियुनि ते सभिनी ॾीआ ॿारे राजा श्री राम जो स्वागत कयो ऐं पंहिंजनि-पंहिंजनि घरनि में पिणु ॾीआ ॿारिया.

राजा श्री राम परोपकारी राजा हो ऐं रइयत खे तमामु घणो सुखी रखियो हो, प्रजा खे पूरो-पूरो इन्साफु ॾिनो ऐं कल्याणकारी कार्य कया. इनकरे खेसि मर्यादा पुरुषोत्तम राम करे कोठियो वेंदो आहे. संदसि राॼ ''माडल राॼ'' क़बूल करे असां जे राष्ट्रीय पिता गांधीजीअ भारत में ''राम राॼ'' आणण जो सपनो लदो हो. अॼु जे युग में उन खे लोकशाही या प्रजावादी राॼु चइजे थो. अफसोस जो महात्मागांधी पंहिंजे सपननि जो संसार ॾिसण खां अॻु ई आज़ाद भारत मां प्राण त्याॻिया ऐं शहादत जो जाम पीतो.

काव्य-नाटक श्री रामायण मां अनेक विश्व स्वरूप संदेशा मिलन था, जिन मां ख़ास ज़िकर हेठ आणजनि था.

श्री राम जो प्राकरमी ऐं प्रमार्थी पुरुष तोर, किरादर खे उभारे उन खे ॿहुगुणी शख़्सियत साबित कयो वियो आहे, इन्सान खां हटी कंहिं देवता जहिड़ा ग़ैररवाजी कार्य करण करे खेसि भॻवान जो अवतार या भॻवान करे पूॼियो वञे थो, जीअं श्री कृष्ण, श्री गौतम बुध ऐं श्री महावीर खे. चवंदा आहिन त महापुरुषनि जो जीवन ई संदेश आहे. नंढे हूंदे ई ऋषियुनि मुनीयुनि खे यज्ञ करण वारे शुभ कार्य में भंग विझण वारनि राक्षसनि खे मारे मात कयो हो. राॼ दरॿार में राॼ तिलक याने ताजपोशीअ जे वक़्त माता केकई जे हठ ते ॿिन वचनन खे पिता श्रीअ पारां पूरो कयो जे हुआ : (१) भरत खे तख़्ति मिले (२)राम बनवास वञे. भरत खे तख़्ति मिलण जो बुधी, जनता बग़ावत कंदी ऐं रइयत ज़ोरीअ श्री राम खे तख़्ति ते विहारण जो ज़ोरबार कंदी, इनकरे राणी केकईअ पंहिंजे गुके मन जी मलीन दासीअ जी कुनीती अपनाए राम खे बनवास ॾियारियो. पर भरत जो, भ्राता प्यार जे वस थी भाउ राम सां गॾिजण वियो, बनवास वेंदे रस्ते ते खेसि ख़ूब समजायो ऐं चयो त भ्राता तव्हां हली राॼ गदी संभालियो, पर राम पिता जे वचन खे पूरो करण जो संकल्प करे चुको हो सो न मोटी न मोटियो. आख़िरकार श्री राम जूं चाखड़ियूं खणी तख़्ति ते रखी उन पारां राॼु हलायो. इते ''पुट जा पीउ ॾांहुं फ़र्ज़'' जो संदेश मिले थो. भाउ राम पारां राॼु हलाइण भ्राता भाउ जो संदेश मिले थो, साॻियो ई लक्ष्मण जो राम सां गॾु बन में वञण पिणु भ्राता प्रेम जो संदेश ॾिए थो. सुख में साथ ॾिए, पर दुःख में न ॾिए, इहा पत्नी पतिव्रता पत्नी न चइजे इहो संदेश सीता माता ॾिनो आहे. ऐतरे क़दुर जो पत्तीअ जी आज्ञा अखियुनि ते करे हूअ बन वासी थियण लाइ तैयार थिए थी, जेतोणीक हूअ गर्भवती हुई, इन बावजूद बि हूअ पत्तीअ जी आज्ञा मञी, आश्रम में रहे थी. जिते खेसि ॿ पुट लव-कुश ॼमनि था. श्री राम जी जीवन मां परोपकारी, कल्याणकारी राजा जा कहिड़ा फ़र्ज़ आहिन, इन लाइ पिणु ॾियारी ॾिणु संदेश ॾिए थो. राजा दसरथ जो, श्री राम संदसि वॾे सुपुत्र जे बनवास वञण जे विछोड़े जे दुःख न सहण सबब प्राण त्याॻण वारो दृश्य श्रवणकुमार खे नदीअ ते पाणी पीअंदड़ जानवर समझी तीरनि सां शिकार जे शौक़ सबब मारण बइद मरण खां अॻु संदनि सूरदास माउ पीउ जो राजा दसरथ खे सराप ॾियण त जीअं असीं पुट जे विछोड़े में मरूं था, तीअं तूं बि पुट ज़े विछोड़े सबब मरंदे, वारो वाक़ो याद ॾियारे थो त अॻे सतजुग

में कंहिं पवित्र आत्मा रूपी इन्सान जो सराप सचो निकरंदो हो. हिन कलजुग में उन खे आह या दांहं चवंदा आहिन जेका दुःखी दिल मां निकरंदी आहे. बन में भीलणीअ (शबरी) जा झूठा ॿेर श्री राम खाअे थो इहो ज़ात-पात जो भेदभाव न रखण जो संदेश आहे. मुसीबत में पवण सबब हिक ॿिअे खे साथ ॾेई ॾाढ ऐं ज़ुल्म ख़िलाफ लड़ण जो संदेश श्री राम जो वानर सैना जो राजा सुगरीव सां गॾिजी बाली खे पंहिंजे भाउ खां, लड़ाई करे राजु वापस वठी ॾियण ऐं वानर सैना जो, राजा राम खे संदसि पत्नी सीता जे रांवण हरण बइद, राक्षसनि जे राजा रांवण सां जंग जूटे, उन खे मारण, राजाई प्राकरम जो, राजाई धर्म ऐं पत्नी धर्म जो संदेश ॾिअे थो. दसहरे ॾींहुं रांवण खे राम द्वारां मारे जलायो वेंदो आहे. रांवण जलाइण माना विकारनि खे जलाइण, इहो संदेश पिणु रामायण ॾिअे थो त ज़ुल्म ख़िलाफ लड़ण जो पैग़ाम पिणु रामायण ॾिअे थो. इन रीत प्राचीन युग में लिखयल रामायण ग्रंथ हिन युग खे हिक आला साहित्यक देन आहे.



ڏياري آئي

- گرداس آهوجا ”اَجيم“ (راجڪوٽ)

ڏياري آئي ڏياري آئي ڀلي ڪري آئي
آڪاش ۾ تارا ٽم ٽم ٽم ٽم چمڪن ٿا
گهر گهر ۾ ميڻ بتيون رنگين بلب ۽ ڏيئا ٻرن ٿا
ننڍا وڏا سڀ نوان نوان ڪپڙا سُڀائي پائن ٿا
رنگين رنگن سان گهر کي پريم سان رنڱائين ٿا
اڱڻ ۾ رنگ برنگي رنگن سان رنگوليون چِٽن ٿا
نئين سال جو سڀ ئي گڏجي سواگت ڪن ٿا
ننڍا وڏا سڀئي گڏجي خوشيون ملهائين ٿا
گَلي مِلي هڪ ٻئي سان، من ڏُک مٽائين ٿا
راڪيٽ، بم، ڦوهارا ٻاري سڀ خوش ٿين ٿا
هڪ ٻئي کي مٺائي کارائي مُنهن مٺو ڪن ٿا
ننڍا وڏن کي پيرين پئي دعا آشيروا وٺن ٿا
نئون سال سٺو گذري سڀ پريوءَ کان دعائون گهرن ٿا
ڏياري آئي ڏياري آئي ڀلي ڪري آئي.



رامايڻ جي سکيا

- چيتانند پرمانندائي ”داس“ (احمدآباد)

١. رامايڻ جي سکيا آهي اَنمول،
ٻوليون مٺڙ واڻي ۽ مٺڙا ٻول.

٢. رام رامايڻ جو مهان ڪردار،
اِنسانيت جو هئو سچو اوتار.

٣. سيتا پتيءَ ورتا هئي ناري،
رامچندر سان ڏُک سُک ۾ ڀاڱيداري.

٤. رام ماتا پتا جو هئو آگياڪاري،
چوڏهن سال هن بنواس گذاري.

٥. لڇمڻ هو نيڪ ۽ سداچاري،
ڀاءُ رام تي ويندو هو سدا ٻلهاري.

٦. ماتا سيتا کي راوڻ ڀڄائي ويو،
لنڪا ۾ سيتا کي قيد رکيو.

٧. رام کي سُگريوَ مدد ڪئي،
لنڪا تي هنومان چڙهائي ڪئي.

٨. رام راوڻ جي ٿي لڙائي،
اَستيه تي ستيه وجيه پائي.

٩. رام لڇمڻ سيتا ايوڌيا آيا،
ايوڌيا واسين خوشيءَ جا باجا وڄايا.

١٠. رام ايوڌيا جو راڄ سنڀاليو،
پرجا ساري سُک آنند پايو.

١١. هر سال اَسان ڏياري ٿا ملهايون،
شري رامچندر جي ٿا جَس منايون.

١٢. رامايڻ جي سکيا کي اَندر ۾ اُتاريون،
الوڪ آنند ”داس“ اَسان ماڻيون.

सिंधी ॿोलीअ जी आसूदगी

आलेख : डॉ. के. पी. लेखवाणी (पुने)

सिंधी भारती उपमहाखण्ड जी हिक अहमु उसिरियल जदीदु ॿोली आहे, दुनिया में सिंधी ग़ाल्हाईंदड़नि जो तादादु अटिकल सतावीह मिलियन थींदो, जंहिं मां साढा ॿावीह मिलियन पाकिस्तान में (घणे भाङे सिंधु में), साढ़ा टे मिलियन भारत में ऐं बाक़ी दुनिया जे ॿियनि जुदा जुदा मुल्कनि में रहनि था. आदम शुमारीअ जे अंगनि अखर मूजिबि दुनिया जे ५००० ॿोलियुनि में इन जो आस्थान ४९ आहे; पाकिस्तान में ३ ऐं हिंदुस्तनान में १५ आहे. सिंधु, हिंदु ऐं दुनिया जे ॿियनि मुल्कनि में रहंदड़ सिंधियुनि जी समानु ॿोलियाई ऐं तहज़ीबी सुञाणप आहे, जंहिं खे 'सिंधियत' कोठे सघिजे थो.

सिंधी पाण खे सिंधू माथेरीअ जे सभ्यता जा वारिस मञीनि था ऐं इन ते खेनि नाज़ु आहे. हू हर हाल में निजु आला तहज़ीब ऐं अलहदी पिछाण क़ाइमु रखणु चाहीनि था.

शुरूअ में ई सिंधी ॿोलीअ जी सभ खां वड़ी इहा ख़ूबी रही आहे त इहा ॿियनि ॿोलियुनि मां घणो कुझु झटे जज़्बु करण जी कुवत रखे थी ऐं इन सां गॾो गॾु लफ़्ज़नि तोड़े व्याकरणी सिटाव जा निजु अनासर पाण सां सांढे रखे थी. जॉन बीम्स सिंधीअ ऐं ॿियुनि भारती ॿोलियुनि जे कुशाबिहत ऐं ओसरि जो अभ्यासु कंदे ज़ाणाए थो त 'सिंधी ॿोलीअ में अहिड़ा पुरकशिश अनासर मौजूदु आहिनि, जेके हिन खे ओभर तर्फ़ जे पंडिताईअ असर हेठि आयल ॿोलियुनि खां अलहदो बणाईनि था. रिचर्ड बर्टन मूजिबि, 'सिंधीअ में अनेकु नज़ाकतूं ऐं नुक़्ता आहिनि, जिनि में हूअ हिंदुस्तान जे ॿियुनि ॿोलियुनि खां सर्सु आहे. इन खां सवाइ सिंधी ॿोली लफ़्ज़नि जे घमाईअ में गूनागुनियत करे निहायतु सघारी आहे. सुनीतिकुमार चटर्जी सिंधीअ जी साराह कंदे चवे थो त, 'सिंधी ॿोली हाणोकी ऐं अवाइली भारती ॿोलियुनि सां हिक अहिड़ी ॿोली आहे, जंहिं पंहिंजे असुलोकियुनि बनावतुनि खे ज़िंदह रखियो आहे. इहा सूहं संदसि ॿियुनि भेनरु भाषाउनि में विरले का नज़रि ईंदी. इन खे पंहिंजी ड्राति, सूहं ऐं निजु संगीतु आहे.'

आलिमनि जे इन्हनि रायनि जी साबिती सिंधी अदब ऐं अदीबनि जे रचनाउनि तोड़े रोजमरह जे ग़ाल्हाइण ॿोलाइण जे ॿोलीअ मां मिली सघे थी.

गुज़िरियल ॿिनि सदियुनि में सिंधी लफ़्ज़नि जे अखुटु ख़ज़ाने मां लुग़त नवीसनि पंहिंजे पंहिंजे नज़रिए सहूलियत ऐं ज़रूरत मूजिबि सवें यकभाषी, टिभाषी ऐं ॿहूभाषी नंढा वॾा कोश शाया कराया आहिनि. हिन वक़्त ताईं जेके कोश छपिजी चुका आहिनि तिनि मां सिंधु में नबीबख़्शख़ान बलोच जे रहनुमाईअ में तयारु करायलु पंजनि भाङनि में शाया थियलु जामअ लुग़त सिंधी (१९६०, १९८१, १९८४, १९८५, १९८८) सिंधीअ जो वॾे में वॾो यकभाषी कोशु आहे, जंहिं में अटिकल ड्रेढु लखु दाख़िलाऊं ड्रिनियूं वेयूं आहिनि. विरहाङे बैदि भारत में शाया यकभाषी कोशनि जे खेत्र में सतरामदास साइल द्वारां तयारु कयलु 'साइल कोशु (२००४)' सभिनी खां अहमु दाख़िला मञी वञे थी. भारत में इस्तिलाहनि ऐं पहाकनि जा जेके कोश शाया थी चुका आहिनि तिनि मां मुख्यु आहिनिः लेखराज अज़ीज़ जो 'सिंधी इस्तिलाह (ॿ भाङा १९६७, १९८७)', सतरामदास साइल जा 'माणिक मोती' (वार्जिसूं ऐं इस्तिलाह-१९८२)' ऐं 'दुरनिजी दबुली (चविणियूं ऐं पहाका १९८२)' ऐं संतदास किशनाणीअ द्वारां गडु कयल ऐं मुरलीधर जेटलीअ द्वारां संपादित 'सिंधी पहाका ऐं मुहाविरा कोशु' (१९९३), जेको हिंदु तोड़े सिंधु में शाया सिंधी पहाकनि ऐं इस्तिलाहनि जे वॾे में वॾो संग्रहु आहे, जंहिं में अटिकल ॿारंह हज़ार पहाका ऐं इस्तिलाह समुजाणीअ सां ड्रिना विया आहिन. ॿिनि सदियुनि जे इन बेवहा सरमाए खे कंप्यूटर जी मदद सां हिक हंधि कठो करे सघिजे थो, जंहिं सां सिंधी ॿोलीअ जे आसूदगीअ ऐं गूनागूनियत जी सही कथ करे सघिबी.

छपियल कोशनि जे अलावा केतिरा ई अणछपियल कोश अजु बि शख़्सी संदूकुनि, सरकारी कबटनि ऐं कुतुबख़ाननि में पिया आहिनि. मिसाल तौर, सहजराम टहिलराम (१८६४-१९३४) जो 'सहज कोशु' जेको हुन साहिब सन् १९०४ में ई तयारु कयो हो. इहा यकभाषी सिंधी कोश तयारु करण जी सभिनी खां पहिरीं कोशिश मञी वञे थी. इन कोश जो

दस्तखतु अजु बि सी.एछ.डी. आफ़ीस जे कंहिं कबट में पियो छपिजण जो इंतिज़ारु करे रहियो हूंदो? विरिहाङे खां अगु लाला हासानंद हिकु यकभाषी सिंधी कोशु तयारु करे ताराचंद्र गाजरा खे ड्रिनो हो, जेको क़लमी नुस्को हुन साहिब पंहिंजे पुट बलदेव गाजरा खे सौंपियो. ख़बर नाहे हाणे उहो किथे आहे.

सिंधी ब्रोलीअ में नामवरु माहिरनि द्वारां वरिहियनि जे महिनत सां तयारु कयल सिंधी-अंग्रेज़ी डिक्शनरीअ जूं पंजहठि हज़ार सिलियूं डेकन कालेज जे कबटनि में बंदि पेयूं आहिन. गुजरात अकादमीअ पारां तयारु थींदड़ सिंधी-गुजराती डिक्शनरीअ जो कमु अटिकियो पियो आहे. इहे सभु छपिजणु घुरिजनि.

लोक अदब ऐं समाज भाषा विज्ञान जे अभ्यास जे ख़्याल खां 'फ़ाहिश' लफ़्ज़ इस्तिलाह ऐं पहाका पिणु वड्री अहमियत रखनि था. मुरलीधर जेटलीअ वटि इन किस्म जूं टे साढा टे हज़ार दाख़िलाऊं अण छपियल पेयूं आहिनि. हू साहिब अञा त इहे छपाइण जा दिलासा पियो ड्रिए!

इहे छपियल ऐं अणछपियल कोश सिंधी ब्रोलीअ जे आसूदगीअ जो अहमु सरमायो आहिनि. असां जी इहा जवाबदारी आहे त असीं संजीदगीअ सां इन ख़जाने ड्रांहुं तवजहु ड्रियूं; इन खे सांढण ऐं अपडेट करण जो को ख़ातिरख़्वाहु बंदोबस्तु करियूं.

सिंधी ब्रोलीअ जे सिटवा ऐं व्याकरणी रूपनि जे ख़ासियतुनि जा हवाला ब्रोलीअ जे ख़ूबियूनि ऐं रवायती व्याकरणनि में त मिलनि था, पर आमु पाठकनि ऐं ब्रोलीअ जे अभ्यासियुनि लाइ जदीदु भाषा विज्ञानी उसूलनि जे आधार ते को वहिंवारी व्याकरणु कोन लिखियो वियो आहे; जंहिं जी सख़्तु ज़रूरत आहे.

अदब जे ख़्याल खां सिंधी शाहूकारु ब्रोली आहे, जंहिं जी हज़ारु सालनि खां बि वधीक अरिसे जी आला अदबी रवायत आहे. सिंधीअ में तमामु वड्रे अंदाज़ में सीने में सांढियलु लोक अदबु ऐं लिखिति साहितु मौजूदु आहे. दर असलि सिंधी अदब जी शुरूआति लोक अदब सां ई थी. सिंधी अदब जे अवाइली दौर में अवाम जे ब्रोलीअ में सूर्हियाईअ, सूंहं ऐं सादगीअ जा पुरअसरि चिट पेशि कया विया आहिनि. सीने में सांढियलु इहो लोक अदबु अगिते हली सिंधी अदब ऐं जीवति जो अणवंडियलु हिसो बणिजी वियो. विचें दौर जे सूफ़ी शाइरनि इन खे रूहानियत ऐं ऊचु कल्पना जो पारस छुहाए अमरु बणाए छड्रियो आहे. नूरी निमाणी भारु ऐं वतन परस्तीअ ऐं राइ ड्रियाचु वचन पालना जा प्रतीक मञिया वञनि था.

विरिहाङे बैदि सिंधु तोड़े हिंदु जे आलिमनि तमाम वड्रे तादाद में लोक अदबु सहेड़े, सोधे शाया करायो आहे. इन खेत्र में सभिनी खां घणो कमु नबीबख़्शख़ान बलोच कयो आहे. संदसि रहनुमाईअ में लोक अदब जे मुख़्तलिफ़ु शाख़ुनि जा चालीहनि खां बि वधीक किताब शाया थी चुका आहिनि. बलोच खां सवाइ अब्दुल क़रीम संदेल ऐं इब्राहीम अबासीअ वग़ैरह पिणि साराह जोगो कमु कयो आहे तिनि मां मुख्यु आहिनिः नाराइण भारती, परसो गिदवाणी ऐं किशनी फुलवाणी वग़ैरह कोमल कोठारीअ पिणि काफ़ी लोक अदबु कठो कयो आहे जेको सोधे शाया कराए सघिजे थो. कुछ काठियावाड़ राजस्थान ऐं ब्रियनि इलाइक़नि में काफ़ी लोक अदबु टिड़ियो पखिड़ियो पियो आहे, जेको कठो करे शाया कराए सिंधीअ जे इन सिन्फ़ खे अञा बि वधीक मालामालु बणाए सघिजे थो.

सिंधी अदब जे विचें दौर (१५२०-१८४३) खे 'सोनहरी दौरु' कोठियो वञे थो. हिन दौर जे साहित में सिक जो सनीहो ड्रांदड़ सूफ़ी मतेवारी शाइरीअ ऐं भगिती संत काव्य परंपरा जे आधार ते रचियल निर्गुण काव्य धारा जो ज़ोरु रहियो. हिन दौर जो शइरु मुल्क जी मिटीअ सां जुड़ियलु मज़हबी वेछनि खां आजो, पाणु सुञाणी पाणु लहण जो सनीहो खणी आयो. हिन दौर जे शाइरनि आमु लोकनि जे ज़बान में सचे मज़हब ऐं इख़िलाक़ खे समुझाईंदे, भाईचारे जो सनीहो बुधाए सभिनी क़ौमुनि खे एकता जी ड्रोर में पोइ छड्रियो, हुननि तसवुफ़ ऐं वेदांत जे अनोखे मेल सां सिंधु में 'कंपोज़िट कल्चर' क़ाइमु करण जो क़ाबिले तारीफ़ योगदानु ड्रिनो. हुननि ब्रोलीअ खे पुख़्तगी, नज़ाकत ऐं गूनागूनियत अता कई फ़ार्म जे ख़्याल खां घणे भाङे संदनि शइरु मात्रिक छंदनि में रचियो वियो. अगिते हली फ़ारसीअ जे असर सबबि इलम उरूज़ जे आधार ते पिणि काफ़ी शइरु लिखियो वियो. सिंधी शाइरनि पाण बि अनेकु कामयाबु तर्जुमा कया.

अंग्रेज़नि जे हुकूमत शुरू थींदे ई मकानी सरकारी कारोबार तालीम, मीडिया ऐं अदब जे खेत्रनि में सिंधीअ खे ख़ूबु हिमथायो वियो. नएं दौर में नज़्म खां वधीक नसुरु लिखियो वियो. शुरूअ में नसुर जे चड्हनि थंभनि कौड़ोमल चंदनमल खिलनाणी (१८४४-१९१६), मिर्ज़ा कलीचबेग (१८५३-१९२९), दयाराम गिदूमल (१९५७-१९५०), होतचंद मूलचंद गुरबख़्शाणी (१८८३-१९४७), ज़ेठमल परसराम गुलराजाणी

(१८८५-१९४८) ऐं लालचंद अमरडिनोमल जगि्तयाणी (१८८५-१९५४) जे तख़्लीक़ी कोशिशुनि सबबि सिंधी नसुरु बालिग़ अवस्था में क़दमु रखियो.

बिरिहाङे बैदि अनेकु डुखियायूं हूंदे बि सिंधु तोड़े हिंद सिंधीअ जी हर खेत्र में तसलीबख़्शु तरक़ी थी आहे. अगिर असीं चाहियूं था त असां जी ब्रोली बि ब्रियुनि उसिरियल ब्रोलियुनि सां क़दमु मिलाए हली सघे त असां खे रिथाइते नमूने के अमली क़दम खणिणा पवंदा-जदीदु दौर में आलमी सतह ते इंटरनेट जे वधंदड़ वाहिपे; आपसी राबिते जे ख़्यालखां सियासी लीका मेसारे छड्डिया आहिनि. अजु सिंधु जूं रचनाऊं हिंदु में छपिजनि थियूं. हिंदु जा अदीब हिते खां वधीक सिंधु में लोकप्रिय थी रहिया आहिनि. हुते सिंधीअ खे पंहिंजी ज़मीन आहे, वड्रे तादाद में पाठक आहिनि त हिति ब्रहूभाषी माहोल में वसीहु ज्ञान विज्ञान जो खेत्रु ऐं तकनीकी सहूलियतूं मौजूदु आहिनि; जंहिं सबबि ड्रे-वठु जूं वधीक संभावनाऊं आहिनि. ट्रांसलेशनि, ट्रांसलिटरेशन ऐं कंप्यूटराईज़ेशन जे मदद सां सिंधी भाषा खे अञा बि वधी मालामालु बणाए औज ते रसाए सघिजे थो.

غزل

- ڀڳوان ٻاٻاڻي 'بندو'
(ڀوپال)




نِياپا سِنيها مُڪائُون گهڻائي،
اَسانجي ئي دِل پَرَ ھُنن تي نہ آئي.
وِساري سَگهَن سو ڏُکيو آ ھُنِن لاءِ،
ڏني مُنهنجي هِڏڪيءَ گواهي اِها ئي.
اُجالو گهٽي دير ڪِجي نہ سگهيو،
ڀلي روشني سِج جي ڪَڪرَن لِڪائي.
ھُجي تابُ تارن ۾ ڪيڏو ڪٿي، تہ بہ،
نہ زيِنَت اُها، جا آ چَنڊَ ۾ سَمائي.
ڀلي چنڊُ ڪيڏو بہ سوُنهين ۽ موهي،
مِليَلَ ڪيس رؤنَقَ مَگر آ پَرائي.
توهان عَهدَ پَنهِنجي کي پاڙي بِہ ڏيندا،
اَسان زندگي آس اِن ۾ وِڃائي.
ڪُليَلُ بابُ آهي اَسانجي حياتي،
لِڪايل ڇِپايَل نہ آ ڳالهہ ڪائي.
ھُجي خوبصوُرت ڀَلي پَنهِنجي ڪيڏي،
مَگر پو بِہ وڻندي آ هَرَ شَيءِ پرائي.
هَلي آ، هَلي آ، توُن موُن ڏي هَلي آ،
بِنا تُنهنجي 'بَندا' نَہ ٿِيندِي سَڻائي.

گيت

تنهنجا زخم

- گلاب ٿڏاڻي (گواليار)
مو. 07489252030




ڏنئہ زخم جنهن جو، ڪو علاج نہ مليو
سچي دنيا ۾ هڪڙو، همراز نہ مليو

تمام عمر ڳايو مان، گيت تنهنجي سڪ ۾
منهنجي گيت کي عمر، پر ڪو ساز نہ مليو
سچي دُنيا ۾.....

گذاريان مان ڪيئي راتيون، سُمهندي ئي سُمهندي
پر تنهنجي سات جو هُن ۾، ڪو خواب نہ مليو
سچي دُنيا ۾.....

مونکان تہ ورتئہ حساب، سچا اُلفت جا
پر تنهنجي ستم جو، ڪو حساب نہ مليو
سچي دُنيا ۾.....



कंहिं जे लाइ ज़िंदगी खपाइण जो मतलब आहे?

- अमुल आहूजा 'रहिमी'

सिंधी, सिंधी, सिंधियत, सिंधी साहित, सिंधी समाज, सिंधी तइलीम, सिंधी अख़बार नवेसी, सिंधी लिपी, सिंधी काम्प्युटर, सिंधी पंगती कार्य में कंहिं जे लाइ ज़िंदगी खपाइण जो को मतलब आहे? जॾहिं कंहिं बि सिंधीअ खे ख़ुद खे न पेई आहे त ॿियो भला बीमारीअ जो इलाजु केतरो कंदो? भला ठेको बि त कंहिं न खंयो आहे जो हड़ां ॾेई बि ऐं ॿुधी बि ॿाहिर वारनि जो त ठहियो पर घर जो बि ॿुधणो पवे ते सेमीनार सेमीनारनि जी रट छो लॻाए वेठा आहियो कुझु मिलणो बि आहे मोट में अजायो पिया मथो कुड़रायो हुश ते ख़ुश थियो समाज में ॾियण वारनि बदिरां वठण वारनि जा टोला वधी रहिया आहिन, ॾिसो जिन खे सिंधी अचे कोन थी तिन खे पी.एच.डी. डिग्रयूं मिली रहियूं आहिन, जिन खे सिंधी ॻाल्हाइण बि पुरी न थी अचे तिन खे इनाम मिली रहिया आहिन, जिन खे सिंधी चवाइण में शरम थो अचे से सेमीनारनि वास्ते वॾियूं रक़मूं छॾाए पंहिंजा भिभ भरे रहिया आहिन, जिन कॾहिं सिंधीअ में कुझु लिखयो बि कोने आहे, सोचियो बि कोन आहे से सम्पादक मंडलनि ते आहिन, सेमीनारनि में सदारत उहे करे रहिया आहिन जिन खे सिंधीअ जी 'स' बि न थी अचे, के पत्रकार इश्तहारनि छॾाइण लाइ ॿियन जे नाले में शइर, मरहूम शाइरनि जा लिखी पेट जी बुख मिटाए रहिया आहिन. के त सॼे जूं सॼियूं थीसज़ पाण ते लिखी-लिखाए ॿियन सेखड़ाटनि खे, बारड़नि खे बि पी.एच.डी., एम.फिल जूं डिग्रीयूं वठी-ॾेई रहिया आहिन!! के नाम नहाद ख़ुद-साख़्त शख़्स दाग़ी, विवादी जिन खे इदारनि मां रेस्टीकेट कयो वियो आहे से पंहिंजयुनि जोयुनि ऐं धीउरनि खे ज़ोरीअ घीले उलू सिदो करे रहिया आहिन पाण न पुॼी सघण जी हालत में धीउरनि-भेनरुनि ऐं जोयुनि जो इस्तैमाल मबियाना तौर ॿियन केतरनि सखर सिंधी शख़्सिनि खे लोइण जे करतब में असुल कपड़ा पंहिंजा ऐं पंहिंजयुनि धीउरनि-भेनरुनि ऐं जोयुनि जा लहिराए नंगो नाच करे रहिया आहिन, जोयुनि, भेनरुनि खे पत्रकारा, खाइरा, लेखका जो नक़ली परवानो ॾेई-ॾियारे पंहिंजी पत वाइकी करे रहिया आहिन. पाण ॿ सिटूं लिखण जी क़ोवत न रखंदड़ असां पारन जे अॻियां-पुठियां घुमी, कैमरा घुमाए पाण खे फोटो पत्रकार जो लक़ब ॾेई समाज सां दोखो करे रहिया आहिन. ॻाल्हियूं घणियूं आहिन, रोज़ समाज में उथंदे-विहंदे, प्रोग्राम अटैंड कंदे, हलंदे-चलंदे ॾिसजे थो त अजु को नओं रंग रूट पैदा थियो आहे लठ कंघर, किश्तो खणी कॾहिं चेटीचंड, कॾहिं ॿोॾ राहत, समूह शादी त कॾहिं अपाहजनि जे नाले में त कॾहिं पीरसन ऐं न्याणीयुनि खे सहायता ॾियण जे नाले में, सिंधियत बचायो जे बहाने रैलियूं ऐं मेड़ करे वॾी लुट लॻायो वेठा आहिन के शख़्शिन ऐं इन्हिन खे वरी के ठुड़काऊ हितां हुतां जे सरकारी, नेम सरकारी इदारनि खां पिनण में मदद करे पंहिंजो ॿूथ हरुभरु मंच खे ॾेखारण जी मंशा रखनि था. अहिड़नि चंद शख़्सिनि खे खुलीअ तरह निगहोसार करण जो वक़्त अची विया आहे! के सखर शख़्स बि किन नादाननि जे चक्कर में अचनि था, के लाइक़ी रखंदड़नि खे हरुभरु रेटीन था!! पूरे भारत भर में अहिड़ां शख़्स वॾे तइदाद में कोन आहिन छड़ो १०-१२ ॼणा आहिन से बि भॻीअ भर ते आहिन, इन्हिन जे बेमतलब कुधनि कमनि जो पर्दो फाश करण ज़रूरी आहे, बीमारीअ जो इलाजु ज़रूरी आहे वरन् नासूर थी सघे थो, इनकरे चवणो थो पवे कंहिं जे लाइ ज़िंदगी खपाइण जो मतलब न आहे. अपनी घोट तो नशा होऐ. ॿियन सां पंहिंजो मतलब कहिड़ो, ठेको त कंहिं जो खंयो न आहे,

फ़टाकनि जी खोज कीअं थी?

- सुरेश डी. ब्रीजाणी (अहमदाबाद)
लिप्यांतर : सुरेश आहूजा (अहमदाबाद)

तव्हां खे बुधी अजब लग॒ंदो त फ़टाकनि याने आतिश-बाज़ीअ जी खोज हिक रसोये पंहिंजे किचन में कई, सा बि खाधे जी शयुनि जे इस्तैमाल कंदे! चीन में फ़टाकनि जी शुरुआती खोज उन वक़्त जे ब॒ावरचीअ जे द्वारां थी जड॒हिं हिन सल्फर ऐं सॉलट पेपर पोटेशियम नाइट्रेट खे मिलाए रखी छड॒ियो त उहो मरकब सुकण बइद कारे पाउडर में बदिलजी वियो हो. उन खे जड॒हिं ब॒ारियो-जलायो वियो तड॒हिं उन मां कारो दूंहों निकरण लग॒ो हो. उहा ''कीमीयाई बाहि'' या ''हूओ याऊ'' सड॒िजण में आयो पर उहो अजु॒ कल्ह जे मार्डन फ़टाकनि जहिड़ो धमाकेदार कोन हो पर उन खे ब॒ारण सां रोशनी थींदी हुई. रफ्त-रफ्त आतिशबाज़ीअ में चङी फ़ेरफ़ार करण जी कोशिश कई वेई. कंहिं धुवी शख़्स खे वीचार आयो त हिन कीमीयाई मरकब खे कंहिं काठ जे सन्हे ब॒ने वांगुर दब॒लीअ में वेढ़हे कमु आणजे त वधीक असरु ड॒ेखारींदो.

कंहिंजो वरी चवण आहे त आतिशबाज़ीअ जी खोज चीनी शख़्स द्वारां काठ खे ब॒ारण तोर कतब आणींदे थी हुई. ब॒रियल काठ जे ब॒ोड़े खे कीमीयाई मरकब सां मिलाए पने में वेढ़हे उन खे बाहि में विझण सां न सिर्फ दूंहों निकतो पर हिकु धमाको बि थियो. हक़ीक़त में बांस जे काठ खे बाहि लग॒ण सां उन जी विथीयुनि में रहिजी वियल हवा ऐं पाणी फ़हिलजी वञे थो, जंहिंकरे उन जी किनारी दाब॒ सबब फ़ाटी विस्फ़ोट (धमाको) करे थी.

चीनी लोक 'नियान' नाले प्रेत आत्मा में विश्वास रखंदा हुआ, जेको हमेशह संदनि फसुल खाई वेंदो हो ऐं कड॒हिं कड॒हिं माण्हू पिणु. इनकरे चीनाई माण्हु हर शुभ उत्सव ऐं ड॒ींह ते 'नियान' (प्रेत आत्मा) खे भज॒ाइण लाइ बांस जे काठ खे जलाईंदा हुअ ऐं सुख-समृद्धीअ जे लाइ आराधना पिणु कंदा हुआ. इन रीत काफी अर्सो बांस जे काठ जे नंढड़नि पनन वांगुर टुकरनि खे ब॒ारण जो रवाज पियो हो पर पोइ उन काठ सां कीमीयाई शयुनि जे उपयोग सां फ़टाकनि जी खोज थींदे ई उहो काठ ब॒ारण जो रवाज बंद थियो. अचानक कंहिं खे वीचारु आयो त काठ जे सन्हे तह वांगुर कपड़े में काठ खे बंद करे ब॒ारण बदिरां उन खे ऐं कीमीयाई मेलाप खे कंहिं पने में बंद करे ब॒ारियो वञे त? तंहिं खां पोइ तजरबो थी ई वियो ऐं इन रीत फ़टाकनि जी खोज थी.

१४८६ई में इंगलैंड जे राजा हेनरी-७ जी शादीअ वक़्त सभ खां पहिरीं आतिशबाज़ीअ जी नुमाइश कई वेई हुई.

१४-१५ सदीअ धारे तक़रीबन सभिनी देशन में आतिशबाज़ीअ जो रवाज शुरु थी वियो, इन रीत जर्मन, इटालीयन ऐं ब्रिटश लड़ाई जीतण बइद ख़ुशीअ जो इज़्हार आतिशबाज़ीअ सां कंदा हुआ. दुनिया में सभ खां पहिरीं फ़टाकनि ठाहिण जो उत्पादन आमरीका शुरु कयो हो ऐं जनता इन जो उपयोग १७१७ में आज़ादीअ जे मौक़े ते कयो.


भारत में ड॒ियारी, शादी या ब॒िए कंहिं ख़ुशीअ जे मौक़े ते फ़टाका ब॒ारिया वेंदा आहिन.



''سچا سالڪ جھوناڳڙھ جا جوڳي''

- راجڪمار ساڌورام ٽوپڻداساڻي (جھوناڳڙھ)

اِنسان جي ڪايا ھڪ پڃرو آھي، ھنج پکي ۽ سرھو سر ٻه ان منجھه ئي آھن. شيطان روپي شڪار ٻه منجھس ئي پيو ڦري، اَفسوس جو اَڄ ھنجن جو ديدار درلڀ ٿي پيو آھي. ھن دنيا روپي ريگستان ۾ ڪيئي سنھا سپ پيا گھمن، جن جي جھڙپ وڏن جھنگن کي ٻه ڏاھيو وجھي، ڪارايل ڪنھن ڪنھن ڪاري ذات کان ڪنارو ڪندو آھي تيئن سچا سالڪ ٻه اُنھن بلائن کان ڪنارو ڪندا وتن. وڏي ۾ وڏو نانگ شيطان آھي، پر جوڳين سان سندس جاءِ ناھي، جن جوڳين پنھنجي يوگ ٻل سان جھوناڳڙھ جلايو، سي ھن نانگ کي ڪن ۾ ناس ڪيو ڇڏين. گاروڏين سان وير رکي، نانگ ڪٿان پڄي ڇٽندو! ''نانگ نه ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پير، ھيءَ تنين جو ڏير.'' جن ''جھوناڳڙھ جلايو.'' جڻ جڻ گرنار، جڻ جڻ جوڳي.



विसारियां न विसरन.....

- श्याम सचानंदाणी (नागपुर)
लिप्यांतर : नरेश आहूजा (अहमदाबाद)

हिन धरतीअ ते कोबि इन्सान जन्म वठंदो आहे त हिक ड्रींहुं हिन खे अवस पंहिंजे ''निज धाम'' वापस वञणो पवंदो आहे, वापस वञण महिल हू पुठियां छड्डे वेंदो आहे पंहिंजूं यादगीरियूं. के शख़्स पंहिंजे पुठियां छड्डे वेंदा आहिन यादगार कार्य जेके हिनन समाज लाइ कया हुआ. साहित्यकार, कलाकार, तइलीमदान पिणु पंहिंजे पंहिंजे खेतर में सुहिणो योगदान ड्रेई वेंदा आहिन, इन्हीअ करे हिनन खे वक़्त बिवक़्त याद कयो वेंदो आहे.

ईअं त अहिड़ा शख़्स अक्सर याद रहंदा आहिन लेकिन किन ख़ास मोक़नि ते वधीक याद ईंदा आहिन. हिनन जा समाज लाइ कयल कार्य हिनन जी याद ड्रियारींदा आहिन.

इहो इन्सानी सुभाउ आहे त ड्रिण वारनि ते, समाज जे सालियाने प्रोग्रामनि वक़्त, मेलनि मलाखड़नि महिल अहिड़नि शख़्सिन जी याद ताज़ी थींदी आहे. असां हिनन खे भावभीनी श्रद्धांजली ड्रींदा आहियूं.

अजु ड्रियारीअ जे शुभ मोक़े ते किन अहिड़नि शख़्सिन जी याद सताए रही आहे जिन खे विसारण मुश्किल आहे. मुंहिंजी अखियुनि आड्रो के अहिड़ा चहेरा घुमी रहिया आहिन.

(१) पदम श्री जीवणलाल जेरामदास केवलरामाणी : पहिरियां सिंधी हुआ जिन खे भारत सरकार 'पदम श्री' अवार्ड सां सन्मानित कयो हो. संदनि जन्म २४ फेबरवरी १९१९ में सिंध में जेकब आबाद ज़िले में थियो हो. मैट्रिक पास करे पासे वारे ग़ोठ में हरीजन स्कूल में मास्तर बणियो ऐं हरीजननि जे विचमें रहंदो हो. आज़ादीअ जी हलचम में बहिरो वरिताऊँ ऐं टे साल जेल भोग़ियाऊँ. रते देरे में गांधी ख़िज़िमत घर में रही ख़लिक़ जी ख़िज़िमत कयाऊँ. आज़ादीअ बइद अहमदाबाद अची रहिया. हिते सहकारी मते ते ४४६ घरनि वारी ठक्करनगर कालोनी ठहिरायाऊँ. माहवार क़िस्त सिर्फ ड्रह रुपया. सिंधियुनि खे थाईंको करण लाइ पाण पतोड़याऊँ. जीवणलाल हरीजन आश्रम (साबरमती) जा ट्रस्टी बणिया. गांधी स्मारक निधीअ जा चेयरमेन बणिया. हिनन अहमदाबाद में सिंधा माध्यम वारा स्कुल शुरु कया. सिंधॉलाजी जा फाउंडर ट्रस्टी हुआ. ब्रियन अनेक संस्थाउनि सां जुड़ियल रहिया. आज़ादीअ बइद पिणु जनता जे मसइलनि लाइ धरणनि ते विहंदा हुआ. हू थोरे अरसे लाइ कम्युनिस्ट पार्टीअ जा कार्ड होल्डर हुआ ऐं रशिया सरकार जी ख़ास नींड ते ब्रिन हफ्तनि लाइ रशिया वियां हुआ.

जीवणलाल सचा देश भग़ुत, हरीजन उधार जा बानी, सुख़न जा सचा, वचन जा पका हुआ. स्वतंत्रता सैनानी जीवणलाल जो देहांत अहमदाबाद में २ नवम्बर २००२ ते थियो. हिनन जो मक़नातीसी चहेरो अजु पिणु अखियुनि आड्रो पियो फ़िरे.

(२) लोक कवी, लोक गायक, हूंदराज 'दुखायल' जो जन्म सिंध में लाड़काणे में १६ जनवरी १९१० ते थियो हो. संदनि पिता जो नालो लीलाधर माणक हो. दुखायल लाड़काणे में क़ोमी हाइ स्कूल में तइलीम पिराई, हू टियों अंग्रेज़ी बराबर सतें सिंधी ताईं पढ़हियो.

हिन नंढे हूंदे खां देश भग़ुतीअ जा गीत लिखण शुरु कया, हू पंहिंजा लिखयल गीत अक्सर पाण ग़ाईंदो हो. हुंदराज नंढे हूंदे बांदर सेना ऐं स्वराज सेना बर्पा कई ऐं आज़ादीअ जी हलचल में हिस्सो वठण लग़ो. हिन खे जेल जी सज़ा बि भोग़ुणी पेई. हिन जे भज़ननि जो पहिरियों मज़मुओ कृष्ण भज़नावली १३ सालनि जी उमिर में छपियो हो. दुखायल नंढे हूंदे सिंध में नामियारे शाइर किशनचंद 'बेवस' जे सम्पर्क में आयो ऐं घणो कुझु सिखयो. हूंदराज जी शादी नवन सालनि जी नंढीअ उमिर में थी. घर ग्रहस्थ में रहंदे बि हिन आज़ादीअ जी हलचम में सरगरम बहिरो वरितो. सिंधु वासुयनि खे जाग़्रत करण लाइ रटन कंदो रहियो. आज़ादीअ जे परवाने दुखायल छह दफ़ा जेल जी सज़ा भोग़ी.

आज़ादीअ बइद भाई प्रताप जी नई सिंध हलचम में सक्रिय रहिया. गांधीधाम में तइलीमी संस्थाऊँ शुरु कयाऊँ. विनोबा सां गड्ड भूमी दान यात्रा कयाऊँ. हिन जे कविताउनि जो ख़ास मज़मुओ **संगीत अंजली** हिक यादगार सूखड़ी आहे. हिन खे अनेक इनाम मिलया. सिंधी अकादमी, दिल्ही तरफ़ां मिलीनियम अवार्ड यारहां लख मिलयस. हिन बरवक़्त उहा रक़म स्कूलनि में दान तोर ड्रिनी. दादी कृष्णा भम्भाणी हिन जी रूहानी साथिण हिन सां हर कम में साथ ड्रिनो. दुखायल जो **वण-कुहाड़ो** गीत दुनिया भर में मशहूर आहे. दुखायल देवनागरी लिपीअ जो हामी हो. दुखायल २१ नवम्बर २००३ ते आदीपुर में आख़रीन साहु खंयो.

दुखायल जो साहित्य में ड्रिनल योगदान, तइलीमी खेतर में ड्रिनल शेवाऊँ, आज़ादीअ जी हलचल में ड्रिनल हिन जी आहूती विसारण नामुमकनि आहे. दुखायल मरकज़ी साहित्य अकादमी

अवार्ड खां 'महिरुम' रहिजी वियो.

(३) हरी 'दिलगीर' जो जन्म सिंध में ७ जनवरी १९१६ में थियो हो. हरी दरियाणी बी.एस.सी. ऐं बी.ए. (सिवल) पास हुआ. दिलगीर जा शाइरीअ ते २५ किताब लिखयल आहिन. हुन हर सुन्फ ते क़लम हलायो हो, सिंध सरकार हिन खे **''कोड्ड''** (कविताऊं) ते १९४२ में इनाम ड्रिनो हो. साहित्य अकादमीअ दिलगीर खे १९७७ में 'पल पल जो परलाउ' ते अवार्ड इता कयो. इंडस-इंड फाउंडेशन हुन खे **1** लख रुपया इनाम ड्रिनो हो. ब्रिया बि अनेक इनाम मिलयल अथस. दिलगीर तइलीमी खेतर में तमाम सुठो योगदान ड्रिनो. तोलाणी इंजनेरींग कॉलेज मां प्रिन्सीपाल तोर रिटायर थिया. सिंधुनगर जी आशा रंगवाणीअ खोजनात्मक अभ्यास करे हिकु तहक़ीक़ी मक़ालो 'हरी दिलगीर जे शइर में दर्शन' लिखी पी.एच.डी कई आहे.

दिलगीर साहित्य जगत में त काफी इज़्ज़त पाती. हू गांधीधाम जे आम माण्हुनि जी दिलीयुनि में जाइ जोड़े चुको हो. दिलगीर गांधीधाम म्युन्सिपल जा प्रेज़ीडन्ट, गांधीधाम डेवलपमेन्ट अथारटीअ जा चेयरमेन, गांधीधाम को-ओपरेटव बैंक जा चेयरमेन ऐं रोटरी कलब जा प्रेज़ीडन्ट पिणु रही चुका हुआ. दिलगीर हिक अज़ीम शाइर, आदर्श उस्ताद, आला दर्जे जा इंजीनीयर ऐं अवाम जनता जा ऐवज़ी हुआ. खिलमुख सुभाउ वारे नेक इन्सान जो देहांत ११ अप्रेल २००४ ते आदीपुर में थियो. दिलगीर खे सलाम.

(४) प्रिन्सीपाल अर्जुन खटवाणी : अहमदाबाद जे महात्मा गांधी हाइ स्कूल में १९६७ खां १९९० ताईं लागीतो २३ साल प्रिन्सीपाल थी रहिया. हिनन जे एयामकारीअ में स्कुल काफी तरक़ी कई, हू साहिब सादी रहिणी ऐं ऊच वीचार धारा ते हलंदा रहिया. खटवाणी साहिब अहमदाबाद मित्र मंडल ऐं सिंधु सेवा मंडल, अहमदाबाद सिंधू समाज सां जुड़ियल रहियां प्रेज़ीडन्ट जो उहिदो बि माणियाऊं. हुन जी रहनुमाई हेठ अम्बावाड़ीअ में घुरजाउ कुटुंबनि खे हर महिने सीधो सामान मोकलींदा हुआ. अहमदाबाद मित्र मंडल पारां शायइ थींदड़ चोडुस टमाहीअ जा सम्पादक बि हुआ. समाज शेवा में अगुरा हूंदा हुआ. गुजरात सरकार हिन जी शेवाउनि जो क़दुर कंदे जे.पी. तोर नामज़द कयो, खटवाणी साहिब ७१ सालनि जी उमिर में ५ अप्रेल १९९९ में सुर्गवास थिया. अजु बि खटवाणीअ जा शार्गिद हिन खे विसारे कोन सघिया आहिन.

(५) बूलचंद राजपाल जो जन्म सिंध में ३ डिसम्बर १९०२ ते थियो हो. साहित्य सां जन्म जन्म जो नातो हुअनि. सिंध में हुनन 'सिंधु' मैग़ज़नि (डाईजेस्ट) जी शुरुआत कई. आज़ादीअ बइद अहमदाबाद मां सिंधु जी इसाइत जारी रखियाऊं. मैग़ज़नि शायइ करण में आर्थिक तकलीफ हूंदे बि साहित्य खां मुंहं कोन मोड़ियाऊं. सिंधी मैग़ज़नि कंहिं बि भारतीय ब्रोलीअ जे मैग़ज़नि खां महियार में घटि कोन हुई. ६ फेबरवरी १९७१ ते आख़रीन साहु खंयाऊं।

(६) भगवानदास दोलताणी 'होश' : महात्मागांधी हाइ स्कूल, अहमदाबाद में उस्ताद हुआ. हू शाह लतीफ जा शेदाई हुआ, शाह जे रसाले जा अभ्यासी हुआ. शाह जे बेतनि जी समझाणी ड्रींदे शागिर्दनि खे 'शाह' सां जोड़े छड्डींदा हुआ. परशन जा पिणु माहिर उस्ताद हुआ. घुरजाउ शागिर्दनि खे इम्तहाननि जी तैयारी कराइण लाइ घर में घुराए मुफ्त ट्युशन ड्रींदा हुआ. गुजरात राज्य पारां शायइ थींदड़ दरसी किताबनि संवारण में बि सुठो योगदान ड्रिनाऊं. दरसी किताबनि वारी कामेटीअ जा कन्वीनर पिणु थी रहिया. किन समाजिक संस्थाउनि सां जुड़ियल रहिया ऐं शागिर्दनि खे किताबनि, ड्रेसनि ऐं फीअ जी मदद बठी ड्रींदा हुआ. भगुवानदास सिंधी शाइरीअ में पिणु योगदान ड्रिनो. हुन जा शाइरीअ जा के किताब पिणु शायइ थिया हुआ. संदसि तख़लस हो ''होश''. भगुवानदास ब्रारनि खे पढ़हाऐ लाइक़ीअ लगायो. हुन जो हिक्र पुट ऐअर फोर्स में केप्टन बणियो हो. भगुवानदास ६७ सालनि जी ज़मार में अगम देश ड्रांहुं रवाना थिया.

(७) सिंधियत जो शेदाई दयालदास मोटवाणी : शुरुआत खां अखिल भारत सिंधी ब्रोली ऐं साहित्य सभा सां जुड़ियल ऐं गुजरात ज़ोन जा सेक्रेटरी हुआ. शुरुआती दौर में अहमदाबाद में आटो रक्शा हलाईंदा हुआ ऐं आटो रक्शा ड्राइवर ऐसोसीअेशन जा हर्ता कर्ता हुआ. सिंधियत जी हलचल में कीरत, माल्ही ऐं उत्तम सां ब्रांहिं ब्रेली हुआ. झूलेलाल हफ्तेवार अख़बार शुरु कयाऊं. इहा अख़बार पंजवीहन सालनि खां वधीक अरसे ताईं शायइ थींदी रही. अख़बार ज़रीये सिंधी साहित्यकारनि खे हिमथाईंदा रहिया. सिंधियत जो प्रचार कंदा रहिया. दयालदास अहमदाबाद सिंधु समाज, गुजरात सिंधी ऐसोसीअेशन जा सेक्रेटरी रहिया. अहमदाबाद में चेटीचंड कामेटीअ जा कन्वीनर पिणु रहिया. सिंधु सेवा समतीअ सां जुड़ियल हुआ. दयालदास खे हिक रोड ऐक्सीडंट में काफी धक लगा, दवाउनि करे थोरो फाइदो हुअनि लेकिन तकलीफ भोगींदि १८ सेम्पटेम्बर २००४ ते प्रलोक पधारिया.

(८) आदर्श उस्ताद ऐं साहित्यकार चैनलाल आहूजा जो जन्म लाड़काणे सिंध में ३ मार्च १९२९ ते थियो हो. जवानीअ खां ई गांधीअ जो सड्डु ओनाऐ खाधीअ जा कपड़ा पाइणं शुरु कयाऊं. आहूजा एम.ए. पास करण बइद शागिर्दनि खे कॉलेज विद्या जे बारे में तफसील हथ करे पहुचाईंदा हुआ जीअं शागिर्द वधीक तइलीम पिराईन. इन्हीअ सिलसिले में हुनन फ्री ऐज्युकेशन इन्फरमेशन सर्विस बि शुरु कई. आजीवका लाइ मास्तरी कयाऊं. ग़रीब शागिर्दनि खे मुफ्त टयुशन ड्रींदा हुआ. चैनलाल युनिवर्सल सावक, सिंधी साहित्य सभा, अहमदाबाद मित्र मंडल, अहमदाबाद सिंधु समाज सां बि जुड़ियल रहिया ऐं उहिदा बि माणियाऊं. गुजराती साहित्य ऐं ख़लील जबरान जो नावल

''टुटल पर'' ऐं ब्रियुं केतरियूं ई कहाणियुं सिंधीअ में तर्जुमो कयाऊँ. तर्जुमो करण में माहिर हुआ. चैनलाल ज़िंदगीअ जो सफर ९ अप्रेल १९९८ ते पुरो को. अजु हुन जा सुपुत्र **''सिंधी अहेवाल''** हफ्तेवार ज़रीये सिंधियत जी ज्योत जगाए रहिया आहिन.

(९) जीवत 'तरंग' : डिस्ट्रक्ट लोकल बोर्ड जे स्कूल में उस्ताद हुआ. हेड मास्तर तोर बि शेवाऊँ डि्नाऊँ. जीवत खाधी धारी हुआ. सादगीअ जी मुर्त हुआ. कवी हृदय हुआ. हुन समाज जे हर तबक़े जो ज़िकुर शाइरीअ द्वारां कयो. हू ग़रीबनि, डुतुड़ियलनि जो साथी हो. कुब्रेरनगर बंगला ऐरिया में हुनजे रूम में सिंधी साहित्य संगत जी अदबी क्लासनि जो आयोजन क़रण में ईंदो हो. जीवत 'तरंग' अढाई घरनि जो ख़ैरु चाहींदा हुआ. वड्डीअ अवस्था में पेट में काफी पाणी भरजी वयनि. अहमदाबाद जी गुलाब भाई हास्पीटल में १ आगस्ट १९७९ में गुज़ारे विया. तरंग जा देश भग़्तीअ जा गीत अजु बि कोन विसरिया आहिन.

(१०) इन्द्र भोज़वाणी 'इन्द्र' जो जन्म सोन्हारी सिंध में २२ मार्च १९१८ में थियो हो. आज़ादीअ बइद गुजरात जे बांटवा कैम्प में अची रहिया. बांटवा जे सरकारी स्कूल में मास्तरी कयाऊँ ऐं हज़ारें शागिर्दनि जी रहनुमाई कयाऊँ. साहित्य सां जन्म जन्म जो साथ हुअस. नंढपिण खां शाइरी कंदा हुआ, हू शइरनि में समाज जो 'अक्स' चिटींदा हुआ. इन्द्र भोजुवाणी पहिरियां शाइर हुआ जिन सिंधी शाइरीअ में हिक नईं सन्फ 'तन्हा' डि्नी. हिक सिट में शइर लिखण माना घाघर में सागर भरण. हुन जा 'तन्हा' (हिक सिटा) सिंधी शाइरीअ में काफी मक़बुल बणिया. उन बइद ब्रियन नामियारनि शाइरनि बि 'तन्हा' ते क़लम हलायो. इन्द्र भोज़ुवाणी बांटवा मां लडे अहमदाबाद में भद्रेश्वर-कुब्रेरनगर ऐरिया में अची रहिया. हिन केतरनि नवन शाइरनि खे हिमथायो. शाइरीअ में शाहुकार इन्द्र भोज़ुवाणी आर्थिक नक़त नज़र खां काफी कमज़ोर हुआ. इन्द्र ज़िंदगी ग़रीबीअ में गुज़ारी. हिन जो देहांत अहमदाबाद में १७ जुन १९९२ में थियो. उन वक़्त हुन जे घर जी आर्थिक हालत जो बयान कंदे 'क़लम' नाबरी थो वारे. सरकारी अदारनि हुन जो योग़ 'क़दुर' कोन कयो. अलबत सिंधी साहित्यकारनि हिन जे देहांत बइद हिन जे शाइरीअ जी दिल खोले साराह कई. अचो त लाइक़ बुज़र्ग साहित्यकारनि जो संदनि जीअरे 'सन्मान' करियुं.

(११) चंद्रसेन नावाणी जो जन्म आज़ादी बइद १७ जुन १९५२ ते थियो. हिन अहमदाबाद में महिर्षी दयानंद हाइ स्कूल में मास्तरी कई. चंद्रसेन सिंधी ऐं हिन्दी में माहिर हुआ. नंढे हूंदा खां 'स्टेज' सां लग़ाउ हुअस. स्कूल में शागिर्दनि के रेडियो नाटकनि लाइ तैयार कराइण में काफी चाह वरिताऊँ. पी.एच. डी. करण बइद आकाशवाणी अहमदाबाद में सिंधी सेकशन में प्रोग्राम ऐग़ज़ीकियूड बणिया. हुनन महियारी सिंधी प्रोग्राम पेश करण लाइ पाण पतोड़ियो. चंद्रसेन कैंसर जहिड़ी नगरी बीमारीअ में ४६ सालनि जी फूह जवानीअ में अहमदाबाद में ६ जनरी १९९८ ते परलोक पधारिया. अजु बि हुन जो मुश्कंदड़ चहिरो अखियुनि अग़ियां पियो फ़िरे.

(१२) सुंदर जग़वाणी 'मुजरम' : अहमदाबाद में आदर्श हाइ स्कुल में उस्ताद हुआ. हुनन शागिर्दनि खे ज़िंदगी संवारण लाइ विसां कोन घटायो. 'साहित्य साधना' कयाऊँ ऐं लिखण शुरु कयाऊँ कविताऊँ. हिन जूं कविताऊँ अनेक मैगज़ुनुनि में शायइ थींदियूं हुयूं. कविताउनि जा मजमुआ बि छपायाईं. दयावान सुभाउ जे मालिक सुंदर जग़वाणी खे अलाए कंहिं जी नज़र लग़ी जो अखियुनि जी ज्योत विञायाऊँ. सुंदर ५ नवम्बर २००१ ते अम्बावाड़ी में ५६ सालनि जी ज़ुमार में आख़रीन साहु खंयो.


(१३) लेखराज बचाणी : हाइ कोर्ट जा वकील हुआ. गुजरात जे पालनपुर असेम्बली तक मां चार दफ़ा मेम्बर बणिया. हू साहिब अक्सर हरहिक शख़्सि खे संदनि ख़त जी पहुच डींदा हुआ. अहमदाबाद हाइ कोर्ट में अचण-वञण जी तकलीफ सबब अहमदाबाद कृष्णानगर में मसवाड़ी जाइ में कुझु अरसो रहिया. बचाणी साहिब हिक ट्रम लाइ राज्य सभा जा मेम्बर पिण हुआ. सिंध मां हर साल सवें सिंधी हिन्दु वीज़ा वठी भारत में ईंदा आहिन उन्हिन मां सवें भारत में रही पवंदा आहिन. उन्हिन भाउरनि खे भारत में नागरिकता वठी डि्यण लाइ हिनन पाण पतोड़ियो ऐं कंहिं हद ताईं कामियाबी हासिल कई. २२ आगस्ट २०१४ में ८५ सालनि जी उमिर में पालनपुर में परलोक पधारया.

(१४) लिकल लाल मोटुमल राजाणी : अहमदाबाद में रेवड़ी बज़ार में दर्जको कम शुरु कयाऊँ. हुन जी आर्थिक हालत शुरु में सुठी कोन हुई. हू वक़्त बि वक़्त ख़लक़ जी ख़िज़मत जा कार्य करण लाइ कलाकनि जा कलाक दुकान तां लही वेंदा हुआ. क़ोमी फसादनि में हिन जो दुकान बाहि में जली ख़ाक थी वियो. हिमथ कोन हारयाऊँ. रेडीमेड जो कमु शुरु कयाऊँ ऐं कामियाब विया. मोटुमल अहमदाबाद में चेटी चंड डींहं सरघस कडण जो 'ख़ुवाब' डि्ठो हो. सवें कार्य कर्ताउनि सां गडि्जी कोशिश कयाऊँ ऐं अहमदाबाद मां सरघस निकरण जी शुरुआत अधु सदी अगुमें थी. मोटुमल तड्हिं खां 'लिकल लाल' तोर सुञातो वेंदो हो. हू नाले खां ड्रह कोह दूर भज़ुंदा हुआ. खिलमुख सुभाउ जो मालिक हो. संदसि दर्जके दुकान ते अहमदाबाद ऐं ब्राहिर जा कलाकार, साहित्यकार खेसि मिलण ईंदा हुआ. महिमाननि खे इज़्ज़त मानु डि्यण को मोटुमल खां सिखे हा. अजु खां नव साल अगु ८५ सालनि जी उमिर में सिंधियत जे शेदाईनि खे रुअंदो छड्डे 'निज धाम' पधारया. मोटुमल लिकल लाल हुआ लेकिन हिन जे अमली कार्यनि हिन खे 'लिकल' रहण कोन डि्नो. जिते बि हुजन, शल आसीस कंदा रहन.

ڏياري ۽ نئين سال جون سيني سنڌي ڀائرن-ڀينرن، مترن کي لک لک واڌايون



J. K. Motors
Automobile Finance





A/6, Krishna Gopal Estate, Forge & Blower Compound, Naroda Road, Ahmedabad-25.

Jagibhai : 9825291072 - Rohitbhai : 9925004224

12-13 Asharam Shopping Centre, Opp. Shiv Park Soceity, Nr. Kotarpur Water, Noblenagar, Ahmedabad-40.

Gulabbhai : 9879191319 - Sureshbhai : 9662222800

ڏياري ۽ نئين سال جون سيني کي لک لک واڌايون

Phone : 22203152 - 22200021



KOKAY BISCUITS



ڪوڪي بسڪيٽ ڪمپني

ڪوالٽي بسڪيٽن جا نرماتا

پلاٽ نمبر ٦٤، فورج ائنڊ بلور ڪمپنيءَ جي سامهون،
نروڙا روڊ، احمدآباد-٣٨٠٠٢٥.

ڏياري. نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني کي لکم لکم واڌايون



Hajoori Roop Sai Sadhram Sahib

S.S.D. HEIGTS

3BHK LOVISH APPARTMENTS

Opening Shortly





Behind Maharaja Bunglow,
Nr. Sindhu Hospital,
Indiquip, Ahmedabad.

DILIPBHAI TALREJA

Mob. : 9824121626

ड्रियारी, नएं साल ऐं गुरुनानक जयंतीअ जुं सभिनी खे लख लख वाधायुं.

منڙي پويتر يادگيري


Mohanbhai
Cell : 9327683426

جئہ پولينات



سيتا آئيس فئڪٽري

F-66/1، هنسراج پنجابي روڊ،
ڪبيرنگر احمدآباد.
فون : (R) 22815055 (F) 30217955





ڪشن ڪولڊرنڪس


B وارڊ، غريبداس روڊ، ڪبيرنگر احمدآباد.

موني ڪولڊرنڪس

راجاوير روڊ، ڪبيرنگر احمدآباد.


ماتا سيتاديوي ڊي. هرياڻي
سرڳواس : 15-12-2009

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني کي لک لک واڌايون



Hirabhai T. Rohera
(M) 9825255494

BR GOLD



Amit R.. Rohera
(M) 9825264078

RAMESH FOOD PRODUCTS


MANUFACTURERS & EXPORTERS

B/h. M.D. High School, Saijpur Bogha, Ahmedabad-382345. (Guj.)
Phone : 22821605, 22812147
E-mail : brbiscuits@sify.com
visit us www.rameshfoods.com

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سڀني کي لک لک واڌايون

INDER


RESIDENCY



INDER RESIDENCY AHMEDABAD
Opp. Gujarat College, Ellisbridge,
Ahmedabad-380006. (Guj.) India.
Tel. : 079-26565222 Fax. : 079-26560407
Email : info@inderresidency.com
Website : www.inder.residency.com

INDER RESIDENCY UDAIPUR
Govardhan Vilas, Shikarbadi Road,
Ekling Nagar, Udaipur-313001. (Raj.) India.
Tele. : +91-294-2489888 Fax. : +91-294-2488733
Email : info@inderresidency.in
Website : www.inderresidency.in

ड्रियारी, नअें साल ऐं गुरुनानक जयंतीअ जूं सभिनी खे ख़ूब-ख़ूब वाधायूं



महाराजा स्वीट्स

(मिरचूमल मिठाईवाला)

Vijaybhai : (M) 9328684903 Phone : 30218284

घी, मावा, पनीर, बासुदी और अन्य उत्पादक

અમારી અન્ય વેરાયટીઓ

ખમણ, પાત્રા, સેન્ડવીચ, ઢોકળા, નવતાળ ના સમોસા, સ્પે. કચોરી, ગરમાગરમ દાલવડા, મેથી ના ગોટા, ગરમાગરમ ભાજીપાઉં તેમજ ગરમાગરમ ગાજર ડ્રાય ફ્રુટ હલવો ખાવા પધારો.

आलु सेव, चटाकेदार नमकीन, केसर बरफी, मलाई बरफी, फरारी चेवड़ो, टमाटर सेव, दुध का हलवा

100% Veg.



महाराजा फास्ट फूड

- वेज सेन्डविच
- पीज़ा
- दाबेली
- वडापाउ
- दिल्ली चाट
- पफ
- हॉट चॉकलेट
- भेल
- मस्काबन

चाईनीज आईटम

- पनीर चील्ली
- नूडल्स
- मन्चीयुरन राईस
- मसाला मेगी
- लोली पोप
- वेज सूप
- चाईनीज़ भेल


महाराजा स्वीट्स एण्ड रेस्टोरन्ट (मिरचुमल मिठाई वाला)

११, राजावीर, कुबेरनगर, अहमदाबाद-३८२३४०.

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني کي لک لک واڌايون









राजकुमार राघाणी

अध्यक्ष :

सरदारनगर वोर्ड कोंग्रेस समिति,

सरदारनगर, अहमदाबाद.

M. : 9979775285

مٺڙي پوڄنر ياگيري

وڇڙيا آهيو پر وسريا ڪونه آهيو

هميشه توهان جي ياد اسان کي آهي، توهان جي آشيرواد اسان مٿان رهندي اچي.



سرڳواسي شريمتي نرملا ديوي
نيڀنداس ٽنڊواڻي
سرڳواس 24-06-2013



سرڳواسي پوڄ پتا نيڀنداس
جاڙومل ٽنڊواڻي
جنم:21-12-1934 سرڳواس 11-02-1964



Laxman Nebhandas Tindwani
M. : 98250 36266



Baldev Nebhandas Tindwani
M. : 93773 57010

With Profound Grief :

Lachhmandas Tindwani - Baldev Tindwani -
Sandeep Tindwani - Rahul Tindwani & Entire Tindwani Family

Simplex Knitting Industry

Manufacturers Of :

Knitting Cotton, Naylon Plain, P.C. Jaquard Cloth & Lycra Fabric

Plot No. 42, Factory Area, Nr. Rama Hall, B/h. M.D. High School, Saijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Ph. (O) 22816366, 22816322, 22820322 (R) 22821422 Mobile : (Sandeep) 97270 81200

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سڀني کي لک لک واڌايون

Regd. No. GH-139 Dt. 2-12-1961 Ph. : 22121887

SINDHI COMMERCIAL CO-OP. MARKET ASSOCIATION LTD. AHMEDABAD.


H-105/1, Sindhi Commercial Market, Chokha Bazar, Kalupur, Ahmedabad-380002.

Executive Committee Year-2017-2018

DESIGNATION	NAME	PHONE OFF.	PHONE RESI.
President	Shri Rameshalal Kishinchand Motiani Mobile : 9825865062	26841000	26854144
Chairman	Shri Srichand Bhagwandas Bodani Mobile : 9825865062 - 22158021 Lat	22161762 22124857	26854839 26854838
Hon. Secretary	Shri Kanayalal Arjundas Motiani Mobile : 9327030037 - (O) 22169436 Lat	22164535 22163751	2685371
Jt. Secretary	Shri Sajandas Issarsingh Maghwani Mobile : 9898013377	22161079 22135819	26853563
Treasurer	Shri Ishwarlal Gagandas Gidhwani Mobile : 9898146282	22121593 22121379	25464102
Executive Member	Shri Tikamdas Gunomal Tharwani Mobile : 9377380322	22161755 65251647	26931529 65251641
" "	Shri Hareshkumar Arjandas Motiani Mobile : 9824017593-26675653	26851040 22163298	26765653
" "	Shri Hotchand Parmanand Manshani Mobile : 9376185025-9824363777	22121868 22165180	22864054 22863479
" "	Shri Mohanlal Deepchand Pursnani Mobile : 9824032817	22124530 22164761	27506347
" "	Shri Sureshlal (Babu) Kishanchand Motiani Mobile : 9824018942	22160848 22122541	26859020
" "	Shri Santoshkumar Motiram Kanjani Mobile : 9428018898	22165562	26611500 26765500
" "	Shri Nanikram Lalchand Dhirwani Mobile : 9824068607	22158019	9824246367

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سڀني
سنڌي ڀائرن-ڀينرن، مترن کي لک لک واڌايون

جئه رامجي کي





جهوناڳڙه وارا نارائڻداس ڀيل پوريءَ وارو

(گروپ)

ٽلاءُ دروازو، موڊرن ڊائيننگ هال جي هيٺان، جهوناڳڙهه- 362001.

اسانجي ٻي برانچ :

جهوناڳڙه وارا نارائڻداس ڀيل پوريءَ وارو

ڪوٺيچا چوڪ جي ڀرسان، يونيورسٽي روڊ، راجڪوٽ.

Ph. : 0281 - 2576621

ٽائيم 30-4 کانپوءِ

ड्रियारी, नअें साल ऐं गुरुनानक जयंतीअ जूं सभिनी खे ख़ूब-ख़ूब वाधायूं

ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني سنڌي ڀائرن-ڀينرن، مترن کي لک لک واڌايون

દિવાળી, નવ વર્ષ અને ગુરૂનાનક જયંતી નિમિતે સમસ્ત સિન્ધી સમાજને હાર્દિક શુભેચ્છાઓ

શ્રી ફગુણમલ શોપ્સ એન્ડ ઓફીસીસ કો.ઓ.સો.લી.

પાંચકુવા સિંધી કલોથ માર્કેટ, સારંગપુર દરવાજા બહાર, અમદાવાદ. ફોન : 22142094 - 30423038

આપણી મંડળીની સને ૨૦૧૭-૨૦૧૮ના વર્ષની હોદ્દેદારો અને કારોબારી કમિટી સભ્યોની વિગત નીચે મુજબ છે.

શ્રી રાજુભાઈ બચાણી (પ્રમુખ) (દુકાન નં. ૧૭૮, મો. ૯૩૭૬૧૮૧૦૦૦)

(૧) **શ્રી કમલકુમાર સહેજરામ કૌરાણી** (ચેરમેનશ્રી)
(દુકાન નં. ૯૫, ફોન : ૯૩૭૬૧૮૯૯૧૯)

(૨) **શ્રી પુરણચંદ ટહેલરામ મુલાણી** (વા. ચેરમેનશ્રી)
(દુકાન નં. ૨૫૦, મો. : ૮૪૬૯૦૭૯૫૧૭)

(3) **શ્રી કિશનચંદ માણકચંદ રાધાણી** (વા. ચેરમેનશ્રી)
(દુકાન નં. ૧૪૯, ફોન : ૯૮૨૫૨૯૧૮૦૯)

(૪) **શ્રી રાજેશ પંજુમલ સભાગચંદાણી** (સેક્રેટરીશ્રી)
(દુકાન નં. ૧૬૮, ફોન : ૭૪૦૫૬૮૨૮૨૦)

(૫) **શ્રી અરવિંદભાઈ ધનરાજમલ રામરખીયાણી** (જોઈન્ટ સેક્રેટરીશ્રી)
(દુકાન નં. ૧૧૩, ફોન : ૯૮૨૫૧૬૮૮૩૮)

(૬) **શ્રી જગદીશભાઈ પ્યારેલાલ બાલાણી** (ખજાનચીશ્રી)
(દુકાન નં. ૮૪, ફોન : ૯૦૯૯૭૧૬૮૯૯)

(૭) **શ્રી જવાહરલાલ મહાદેવમલ ગિદવાણી** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૬૯, મો. : ૯૮૨૫૨૯૧૮૦૯)

(૮) **શ્રી ધરમદાસ નથુમલ લાલવાણી (ગિરીશભાઈ)** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૧૪૫, મો. : ૯૭૨૩૦૨૧૨૦૧)

(૯) **શ્રી જયપ્રકાશ છાબરિયા** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૨૫૬, ફોન : ૯૯૨૫૪૧૦૦૭૭)

(૧૦) **શ્રી કનૈયાલાલ થાંવરદાસ તનવાણી** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૧૫૭, ફોન : ૯૨૭૪૦૪૦૮૪૫)

(૧૧) **શ્રી કિશનભાઈ કુકરેજા** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૨૯૫, મો. : ૯૮૨૫૩૯૯૫૮૬)

(૧૨) **શ્રી ઓમપ્રકાશ નારાયણદાસ પારવાણી** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૩૩૧, ફોન : ૯૯૭૪૩૯૫૩૪૦)

(૧૩) **શ્રી ઓમપ્રકાશ પ્રભુદાસ ગુલાબવાણી** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૧૨૧, ફોન : ૯૯૦૪૦૪૧૫૬૬)

(૧૪) **શ્રી નંદલાલ ખુબચંદ માખીજા (પવનકુમાર)** (કારોબારી સભ્ય)
(લક્ષ્મી બજાર) (દુકાન નં. ૨૮૮, ફોન : ૯૦૧૬૯૦૮૩૨૦)

(૧૫) **શ્રી શ્રીચંદ રતનચંદ કોડેજા** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૧૮૨, ફોન : ૯૮૯૮૪૬૬૫૪૫)

(૧૬) **શ્રી સુરેશકુમાર રામચંદ ચાવલા** (કારોબારી સભ્ય)
(દુકાન નં. ૨૪૬, ફોન : ૯૦૯૯૬૫૭૫૭૫)



سکڻ لاءِ پريرڻا حاصل ڪن.

- وڏي ذميواري ماءُ تي آهي، اَڄڪلهه گهرن ۾ نيون نونهر اَچن ٿيون سي پنهنجن ٻارن سان ننڍپڻ کان ئي، انگريزي، هنديءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿيون. جيڪڏهن انهن کي سمجهايو وڃي ٿو ته اُنهن جو جواب هوندو آهي ته ٻارن جو ڀويشيه انگريزي اِسڪولن ۾ اُتي سنڌي ڪهڙي ڪم ايندي. پر اِئين هوُ غلط آهن، اُنهن جي سوچ غلط آهي. پراڻي وقت ۾ جيڪي آءِ. اي. ايس. ڪلاس جهڙين اوچ ڊگرين وارا سنڌي آفيسر به سنڌي اِسڪول ۾ سنڌي ماڌيم سان ئي پڙهي ڪري اڳتي آيل آهن، اَسان جا سنڌي ليڊر، سنڌي سنت، سنڌي هستيون سنڌي پڙهيل آهن اُنهن کي ڪابه تڪليف محسوس نه ٿي جنهن ڪري هيءَ اُنهن نونهرن جو بهانو غلط آهي، اِهو کين سمجهائجي جيئن اڳتي هلي هوُ گهر ۾ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائي. هوُ ڀلي اُنهن کي انگريزي، هندي پڙهائين پر پنهنجي سنڌي هئڻ جي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهائن، سنڌي لکي-پڙهي سگهي اِهو ڪم ته کين ڪرڻ ئي گهرجي.

- نوجوان نئين پيڙهي سنڌي لکي پڙهي، ڳالهائي سگهي اُن لاءِ فريءَ ۾ سنڌي ايڪسٽرا ڪلاس هلايا وڃن اُنهن لاءِ سنڌي ڪتاب هٿ ڪري فريءَ ۾ ڏيڻ گهرجن، وديارٿين کي سُنن سنڌي ماسرن کي سنيون پگهارون ڏيئي ٻارن کي فريءَ ۾ سنڌي سيکارڻ گهرجي جتي ڪامپيوٽر ۽ اِنٽرنيٽ تي سنڌي ساهتيه، سنڌي سيپيتا وغيره کان ڪين ڄاڻ ڏيڻ گهرجي اِهو ضروري آهي.

- راشٽر ڀاشا سنڌي ڪاس پريشد، اين. سي. پي. ايس. ايل. کان مالي سهايتا وٺي سنڌي سماج سيوڪن کي، سماجڪ سنسٿائن کي ڪلاس چالو ڪرڻ لاءِ اڳيان اَچڻ گهرجي. سنڌي دانوير به گهٽا آهن اُنهن کان به مالي سهايتا وٺي وديارٿين کي سُنن اِنعامن، سنمان، پُرسڪارن جهڙيون يوجنائون ظاهر ڪري نئين ٿهيءَ جي وديارٿين کي سنڌي سکڻ لاءِ تيار ڪري. سگهجي ٿو. اُنهن کي سمجهايو وڃي ته پنهنجي لپي پنهنجي ٻولي پنهنجي پهچان سنڌيءَ جي سنڌيت جي آتما وانگر آهي ۽ آتما ئي نڪري ويئي ته ٻولي ڪيئن زنده رهندي، ڪيئن زنده رهندي پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي سنڌيت.

- سنڌي فنڪشن، سنڌي سميلن، سنڌي سيمينارن، مشاعرن ۾ گهرائڻ گهرجي، بحث مباحثن، چٽاڀيٽين ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ۽ اِئين اُنهن کي پنهنجي سنڌي اِتهاس کان واقف ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻولي پنهنجي لاءِ ڪيتري ضروري آهي پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سنڌي هئڻ لاءِ فخر محسوس ڪرڻ لاءِ اِهو سڀ اَحساس ڪرائڻ گهرجي.

- ويل وقت نه واپس ايندو، پڇتائڻ مان ڪجهه نه ورندو. سو هاڻي سڀ کان پهرين نئين پيڙهيءَ جي شاگردن کي گهرائي سڀ کان پهرين اُنهن کي سمجهائجي، سنڌيت جي باري ۾، پنهنجي سڃاڻپ جي باري ۾، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾، جنهن کي بچائڻو آهي، هتي وڏڙن جي هڪ ننڍي ڪهاڻي ياد پوي ٿي ته شينهن جو هڪ ننڍڙو ٻچو ننڍپڻ کان ماءُ کان وڇڙي جهنگل ۾ هڪ ٻڪرار کي ملي ويو، اُهو ٻڪرار اُن شينهن جي ٻچي کي ٻڪرين سان گڏ چارڻ جهنگل ۾ وٺي ويندو هو. اُهو ٻچو جيئن ٻڪرين کي گاهه کائيندو ڏسندو هو تيئن پاڻ به گاهه کائڻ شروع ڪيو ۽ اُن تي هري ويو جڏهن ته شينهن صرف ماس کائيندو آهي، گاهه نه مگر هن کي خبر نه هئي ته مان شينهن آهيان. وقت گذرندي اُهو شينهن جو ٻچو وڏو ٿي ويو تڏهن به ٻڪرين سان گڏ گهمندو هو، گاهه کائيندو هو. هڪ دفعي جهنگل ۾ ٻڪرين سان گڏ گهمي گاهه کائي رهيو هو ته اَچانڪ ٻين شينهن هن کي ڏسي ورتو اِئين ڪندي. اُنهن کي عجب لڳو ته هيءُ ته شينهن آهي، اَسان جي ذات جو آهي پوءِ به!! اَسان گاهه نه کائيندا آهيون اَسان ٻڪريون کائيندا آهيون، ماس کائيندا آهيون. سو اُهي شينهن هن جي ويجهو آيا ۽ کيس سمجهايائون ته تون اَسان جي ذات جو آهين، اَسين شينهن آهيون، تون هنن سان گڏ گهمين ٿو، گاهه کائين ٿو، اِهو تنهنجي شان وٽان ڪونهي تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ ۽ هن کي سمجهائي پاسي ۾ آيل تلاءُ وٽ وٺي آيا ۽ سندس شڪل ڏيکاري ۽ هن کي پاڻ وانگر شينهن وانگر گجگوڙ ڪرائي جنهن تي سڀ ٻڪريون ڀڄي ويون ۽ هن کي پنهنجي اَصلي روپ جي ڄاڻ پيئي ته مان برابر شينهن ئي آهيان! پوءِ هيءُ به اُنهن شينهن سان گڏ هليو ويو جهنگل ۾. اَهڙيءَ طرح اَسان کي پنهنجي سنڌي هئڻ جي سڃاڻپ اَڄ جي شاگردن کي ڪرائڻ گهرجي ته اَسان به شينهن وانگر آهيون، اَسان جي ٻولي به شينهن وانگر مهان آهي، جيڪا پاڻ کي ڀُلائڻي ڪونهي، اَسان ڇو پنهنجيءَ ٻوليءَ کي اِئين وساريون!؟ اَسان مهان آهيون، اَسان جي ٻولي مهان آهي. ڪهڙيءَ به حالت ۾، ڪيتريءَ به مشڪلات ۾ پنهنجي ٻولي سنڌي ٻولي زنده رکڻي آهي ان لاءِ سنڌي لکڻ-پڙهڻ، ڳالهائڻ ضروري آهي. ڀاشائون ڪيتريون به لکجن-پڙهجن خراب ڳالهه ڪونهي پر اُن سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻڻ بلڪل ضروري آهي، سنڌي ٻولي پنهنجي ماءُ آهي؛ گهر-گهر ۾ پنهنجي سنڌي ٻولي پڙهائي وڃي، ڳالهائي وڃي اِن لاءِ ههڙي نموني ڪوششون ڪيون وڃن ته مونکي پڪ آهي، وشواس آهي ته وري نئين سر سنڌي ٻوليءَ ۾ جان ايندي، ضرور ايندي.

جئه سنڌي... جئه سنڌيت.. جئه سنڌي ٻولي....

Gurdas Ahuja "Ajay"
C-5, Shital Park, "Kaushaly", Near Bajrang Wadi,
Jamnagar Road, Rajkot-360006.
Mo. : 07990685091

سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. ١٠ کان ١٥ منٽن هوُ پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا رهيا. سو پائرو پنهنجي پاشا جي پنهنجيءَ ٻوليءَ جي هڪ وڏي طاقت هوندي آهي پنهنجي پاشا ٻوليءَ کي نه وساريو پاڻ ۾ سنڌي ڳالهايو. ٻارن کي به ائين ڪرڻ لاءِ سمجهايو. اڄ دنيا ۾ انٽرنيٽ جو زمانو آهي سو انگريزي ۽ ٻيون ٻوليون به سکڻ ضروري آهن سکو، پڙهو پر پنهنجي پاشا، پنهنجي پاشا آهي جيڪا جيون ۾ ضروري آهي جيون جو هڪ ضروري انگ آهي. اڄ سنڌي سميلن آهي پر ڪنهن به سنڌيءَ کي پنهنجي پوشاڪ پهريل ڪونهي. هن کي توهان آلوچنا نه سمجهو مهرباني ڪري هن کي آلوچنا نه سمجهو هيءَ توهان جي وراثت آهي توهان جي پهچان آهي سڃاڻپ آهي اِن کي توهان وڃائي رهيا اهيو، اِن کي نه وڃايو مونکي ڊر ٿو ٿئي، مونکي دک ٿو ٿئي انڪري چوان ٿو هڪ اهڙو فنڪشن ڪيو جتي سڀ سنڌي پوشاڪ ۾ گڏ ٿيو پنهنجي سڃاڻپ پيش ڪيو، ڇا ائين ڪري سگهندا!؟ نؤجوانن نئين پيڙهيءَ جي ٻارن کي گهرايو اُنهن کي پنهنجي ٻوليءَ کان، پنهنجي وراثت، پنهنجن سنتن درويشن، پنهنجن شهيدن کان، پنهنجن نيتائن کان، پنهنجن وڏن کان واقف ڪيو! ڇا ائين ڪري سگهندا!؟

هينئرو هيءَ سڀ هڪ مکيه منتري سمجهائي ويو ۽ پوءِ به پاڻ بيوقوفن وانگر تاڙيون وڃايون! ڪلڻون!! ٺهڪ ڏيون!! سمجهون نه، نه ئي ڪجهه سوچيون، نه ئي عمل ڪيون!؟

(هيءَ ته صرف هڪ ننڍو ٽڪر منهنجي موبائيل تي آيو باقي ته نريندر موديءَ وڌيڪ ڇا چيو هوندو خبر نه آهي.)

اڄ سنڌي ٻولي روئي رهي آهي، ڪوڪون ڪري رهي آهي، اهڙي دردناڪ حالت پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي ڏسي اسان ڪجهه سوچيون نه ٿا هٿئون منهن موڙي ٿا هلئون! سمجهون نه ٿا ته باقي رهيل بچيل ٻولي-سنڌيت به ختم ٿي ويندي ته پنهنجو اَستيتوَ ئي ڇا رهندو!؟ پنهنجي سڃاڻپ ڇا رهندي!!؟ اسين ڪير!؟ سنڌي يا....!؟ ڇا پنهنجي ڇپن تي آيولال جهوليلال جو نعرو نه رهندو!!؟ ڇا اسانجي منڙي اباڻي سنڌي ٻولي نه....!!!؟

اِهو سڀ ڪوڙي شان، ڏيکاءُ، اهم ڪري ئي سڀ ٿي رهيو آهي. پنهنجي ٻولي ڇڏڻ، پنهنجي ٻوليءَ جو اپمان نه آهي ته باقي ڇا آهي!؟

اسان اِهو نٿا سوچيون ته پاڻ لوڪل ماڻهن جي نظرن ۾ به ڪري ٿا پئون، ڇا هوُ اِهو نه سوچيندا ته جيڪي پنهنجي مُلڪ، پنهنجي ماترپاشا سان وفادار نه رهيا سي اسان سان ڇا نباهيندا؟ ڇا وفادار رهندا؟

ڇا اِها حقيقت نه آهي ته جڏهن به سنڌين متان ڪا آپدا آئي آهي، قدرتي يا ٻيءَ طرح تڏهن سنڌين کي غير سنڌي مدد ڪونه ڪئي آهي. چو نه ٿا سوچيو اسان اِهو سڀ! پنهنجا ئي پنهنجن کي ڪم آيا آهيون ۽ ايندا سين، جيڪڏهن سنڌي پاڻ ۾ هڪ هونداسين ته! نه دنيا ۾ ڪا به طاقت سنڌيءَ کي سنڌي سماج کي هيٺ ڪيرائي ئي نٿي سگهي.

هاڻي اَچجي مکيه وشيه تي سنڌي شاگردن کي ڪيئن همٿائجي جو هوُ سنڌي عربي لکي پڙهي، ڳالهائي سگهن ۽ اُن ۾ چاهه وٺن.

(١) سڀ کان پهرين ته هر ڪنهن کي ماڻ-سنمان، انعام ملڻ اهڙي اُميد آشا-لالچ من ۾ رهندي آهي سو سنڌي ٻارن جو، شاگردن جو ماڻ-سنمان ٿئي اُنهن کي اِنعام ڏيڻ گهرجن، جيئن اِهو ڏسي ٻين ٻارن ۾ به همٿ اَچي ۽ هوُ پنهنجي سنڌي ٻولي لکڻ-پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿين. اَسان راجڪوٽ شهر ۾ سنڌي هوشيار وديارٿين جو ماڻ-سنمان ڪندا آهيون، اُنهن کي شيلڊ، سلوَر ميڊل، سرٽيفڪيٽ ڏيئي اُنهن جو سنمان ڪندا آهيون ۽ اَهڙا فنڪشن ڪري، ايندڙ وديارٿين کي سنڌي ٻوليءَ جي مهانتا جي باري ۾ سمجهائيندا اهيون، ڪيترن ئي ٻارن جي وچ ۾ چٽاپيٽي ڪرائيندا آهيون جن ۾ سنڌ جي اِتهاس جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندا آهيون ۽ پوءِ هوُ اُن تي اِمتحان ڏيندا آهن اُنهن کي به اِنعام ڏيندا آهيون، جنهن ڪري هتي آهستي-آهستي لوڪل سنڌي وديارٿي، سنڌي سکڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن ۽ اَسان جي وچ ۾ رهيل رٽايرڊ ماسٽر فري شيوا ڏيندا آهن ۽ ٻارن کي سنڌي سيکاريندا آهن، سو هر ڪنهن شهر ۾ اِئين ٿيڻ گهرجي.

(٢) اَڄڪلهه جي پيڙهيءَ کي سمجهائڻ گهرجي ته توهان کي هڪ ماءُ نه آهي پر ٽي مائر آهن هڪ اَصلي ماءُ جنهن توهان کي جنم ڏنو، ٻيو پيارت ماتاءِ ٽين آهي پنهنجي ماترپاشا، جيترو پيار پنهنجي ماءُ سان ڪيون ٿا، ديش سان ڪيون ٿا اوترو ئي نه پر اُن کان وڌيڪ پنهنجي ماترپاشا سان ڪيون.

(٣) ميڊيا : اَڄڪلهه ميڊيا جو زمانو آهي، اِنٽرنيٽ جو زمانو آهي- سو سرڪار کان هڪ سنڌي چئنل لاءِ گهُر ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ پنهنجو سنڌي ڪلچرل، سنا ناٽڪ، سنا گيت، پنهنجي سينيا، سنڌي ساهتيه جي، ورسين جي ڄاڻ، سنيون ڪهاڻيون، ناٽڪ رستي، سنتن درويشن جون ڳالهيون، سنڌ جي اِتهاس جي ڄاڻ، سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ سوَلي نموني چئنل ذريعي ڏيکاري وڃي، سمجهائي وڃي.

- سنڌي شهيدن، سنڌي نيتائن، وڏن-وڏن سنڌي هستين جي ڄاڻ اُنهن جون ڪهاڻيون، ڳالهيون فوٽا نئين پيڙهيءَ اڳيان پيش ڪري سمجهائڻ گهرجي جيئن هنن کي پاڻ کي سنڌي هئڻ جو فخر محسوس ٿيڻ گهرجي.

- اِنٽرنيٽ تي به اَڄڪلهه جي نوجوان جو لاڙو تمام گهڻو آهي. سو اُن جو به فائدو وٺي اِنٽرنيٽ تي سنا-سنا پروگرام هر ڪيتر اُن ۾ سمايل هئڻ گهرجي جيئن هوُ ڏسن-سمجهن ۽ سنڌي ٻولي

پنهنجن ٻارن سان بس صرف ماسترن جي حوالي پنهنجا ٻار ڇڏي ڌنڌي ۾ رُڌا پيا هوندا هئا ۽ ماستر! سوار ٿيپٽي ۾!!!

مائٽن اِهو ڪڏهن به نه سوچيو هو ته علم اِنسان جي ٽين اک آهي، پڙهائيءَ سان ئي انسان جو دماغ کُلي ٿو، ڇوڪرو هُجي يا ڇوڪري اُنهن کي پڙهائڻ بلڪل ضروري آهي اُنهن جي ڀويشيه واسطي سوچڻ گهرجندو هئو. تڏهن سوچين ها، ڌيان ڏين ها ته اَڄ ٻار سنڌيءَ ۾ پڙهن ها، ماستر ڌيان ڏين ها ۽ پنهنجي سنڌي ٻولي به هيترو ڪمزور نه بڻجي ها، اَڄ سنڌي ٻار سنڌي پڙهڻ لکڻ ته نهيو پر سنڌيءَ ۾ ڳالهائين به ڪونه ٿا ڇاڪاڻ ته اِن لاءِ اَسين پاڻ ئي ذميوار آهيون اَسان جي اِنهيءَ غفلت جي ڪري سنڌي سماج ۾ غير ٻولي پڙهائڻ ۽ ڳالهائڻ ۾، بيماري گهر ڪري ويئي آهي. اَڄڪلهه مائٽ ته پنهنجن ٻارن کي زماني انوسار ديکاديکيءَ ۾ اَڇي هڪ ٻئي کي ڏسي ڇڻ پاڻ ۾ ڇتاپيتي ڪندي، اُنهن جو ڀويشيه اُن ۾ آهي اِهو سوچي انگريزي اِسڪولن ۾ ٻين ٻولين جي اِسڪولن ۾ پنهنجا ٻار داخل ڪرڻ شروع ڪيا پر اُنهن اِهو نه سوچيو ته سنڌي سماج ۾ به وڏا آفيسر، وڏا ليڊر آهن جيڪي سنڌي پڙهي هن اوچ پدويءَ تي پهتا آهن. سنڌي ٻولي مهان آهي اِهو شايد هوُ ڀلجي وينا آهن.

هت هڪ ڳالهه چوڻ ضروري آهي ته اَڄ سنڌي اڳوانن کان پُڇو ته ڇا هوُ پنهنجن گهرن ۾ پنهنجيءَ اؤلاد سان پُٽن، پوٽن، پوٽين، نونهرن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا به آهن!؟ نه بلڪل نه! مشڪل ئي ڪو گهرهوندو جتي ڪو پنهنجي گهر ۾ پپنهنجن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا هوندا.

مان هتي به ٽي مثال پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. منهنجي ئي شهر راجڪوٽ جي ڪجهه سال اڳ جي ڳالهه آهي چيٽي چنڊ جو تهوار سنڌيت جو ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهايو پئي ويو سنڌي اڳوان به جوش ۾ هئا، چيف منسٽر کي مکيه مهمان ڪري گهرايو ويو هو اُتي هڪ ٻن اڳوانن اُتي ڪري گجراتيءَ ۾ ڀاشڻ ڪيا ڀاشڻ پوري ٿيڻ تي اُن ئي چيف منسٽر اُتي ڪري ٽوڪيندي چيو ته، ''توهان جو پنهنجو ڏڻ آهي، تهوار آهي، سنڌيت جو ڏينهن آهي هيتري وڏي تعداد ۾ سنڌي ڀائر ڀينر، ماتائون، ٻار گڏ ٿيا آهيو، خوشيءَ جي ڳالهه آهي پر ڏک جي ڳالهه اِها آهي ته توهان پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ بدران گجراتيءَ ۾، هنديءَ ۾ ڳالهايو ٿا توهان کي سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻ گهرجي، مونکي خوشي ٿيندي. ته هن ٻي به اڳوانن کي شرم نه آيو ۽ هنن چيو اُهو ته توهان کي سنڌي سمجهه ۾ نه ايندي هوندي اِنڪري اَسان گجراتيءَ ۽ هنديءَ ۾ ڳالهايو تنهن تي اُن چيف منسٽر چيو ''ڀائو مان سڀ سمجهان ٿو، سنڌي ٻولي سمجهان ٿو، اسان جي پارٽيءَ ۾ اينترا ئي سنڌي ڀائر ڀينر آهن مان اُنهن جي گهر به ايندو ويندو آهيان، منهنجو گهر به سنڌي سماج جي وچ ۾ آهي سو سنڌي سماج سان منهنجو گهرو ناتو آهي سو توهان پليز سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايو ۽ پوءِ هنن اڳوانن شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيو. اَهڙو ئي ٻيو مثال بلڪل اَهڙوئي قصو راجستان جي جئپور ۾ رويندر منچ تي ٿيو هو.

۽ تازو ئي ٽيون مثال ڪجهه وقت اڳ احمدآباد جي هڪ سنڌي سميلن ۾ ٿيو، چيف منسٽر نريندر موديءَ سنڌي سميلن ۾ حاضر رهي سنڌي سماج اڳيان ڀاشڻ ڏنو، سنڌين جي ساراهه ڪئي تنهن مهل سيني تاڙيون وڄايون پر هن اِئين به چيو ته ''هيڏي وڏي سميلن ۾ اَڄ مان ڏسي رهيو آهيان ته هيتري تعداد ۾ سنڌي ڀائر ڀينر گڏ ٿيا آهن پر ڪنهن کي به سنڌي پوشاڪ پهريل ڪونهي. منهنجو سنڌي سماج سان گهاٽو ناتو رهيو پئي آهي، گهڻائي ڪٽنب اَهڙا آهن جتي مان اُنهن جي گهر وڃي روٽئي کائيندو آهيان، اَڄ به مونکي سنڌين جا پڪوان، سنڌين جي ڪوڪي، منو لولو ياد آهي پر اَڄڪلهه منو لولو، ڪوڪي گُم ٿي ويو اهي سنڌي پڪوان گم ٿي ويا آهن. توهان سوچيو ته اَڄ هي سڀ گم ٿيندو ٿو وڃي اِئين چو؟ اِنهن جي جڳهه پيزا ۽ فاسٽ فوڊ وٺي رهيا آهن اِهو چو؟ ڇا توهان جي ذميواري نه آهي ته سنڌيت بچايون! پنهنجي سڀيتا، پنهنجي وراثت بچايون!؟ ڇا سنڌين جو فرض نه آهي ته فوڊ فيسٽيول ۽ ٻيا اَهڙا فنڪشن ڪيا وڃن؟ جيئن توهان پنهنجي ڪاڏي جي نمائش ڪيو! توهان سنڌي نؤجوانن وٽ وڃو اُنهن کي ڏيکاريو، سمجهايو ته پنهنجي پوشاڪ ڪهڙي آهي، پنهنجي پهچان ڪهڙي آهي اَڄ اُنهن جي پهچان ختم ٿيندي ٿي وڃي دنيا بدلجي ويئي آهي.

هن اَڳتي چيو ته ''مان هڪ مکيه منتريءَ جي ناتي وِنه ٿو چوان، هڪ دوست ناتي ٿو چوان سنڌي ڀاشا ۾ ڳالهائڻ وارا ڪٽنب هاڻي ختم ٿيندا ٿا وڃن، گهرن ۾ اؤلاد ماءُ سان انگريزي، هندي ڀاشا ۾ ڳالهائڻ وارا ڪٽنب وڌندا ٿا وڃن ڇا اِها توهان لاءِ چنتا جي ڳالهه ڪونهي!؟ پنهنجي ماترڀاشا نه ڀُلجو، اُن کي نه ڀُلايو پنهنجي ماترڀاشا پنهنجي رهڻي-ڪرڻيءَ سان ئي ذاتيءَ جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. منهنجي هڪ پرارٿنا آهي، وينتي آهي توهان هتان وڃو ته قسم کڻي وڃو ته گهر ۾ سنڌي ڳالهائينداسين. توهان دنيا جي ڪهڙي به ملڪ ۾ چو نه هُجو آمريڪا ۾ هُجو، جپان ۾ هُجو، چين ۾ هُجو، هانگ ڪانگ، آسٽريليا ۾ چو نه هجو پنهنجي سنڌيت جي پهچان پنهنجي سڃاڻپ کي ختم نه ڪرڻ ڏيو. هن هڪ مثال به ڏنو ته ڪجهه وقت اڳ پاڪستان جي پرائيم منسٽر بينظير ڀٽو هندستان ۾ آئي هئي ۽ هن جڏهن لال ڪرشن آڏوانيءَ کي ڏٺو ته هوءَ اُن سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻ شروع ٿي ويئي. اَسين سڀ وائڙا ٿي وياسين ته ڪيئن نه هيءُ سنڌي گڏجي پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا آهن ڪيتري نه هنن ۾ پنهنجائپ آهي جو هوُ پاڻ ۾



ليکڪ

سنڌي ٻولي

- گرداس آهوجا (راجڪوٽ)

اَڄ جو وشيہ آهي سنڌي شاگردن کي ڪيئن همٿائجي يا هنن کي ڪهڙي قسم جي لالچ ڏجي جو هوُ پنهنجو پاڻ عربي سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اڳيان اَچن يا چاهہ وٺن...

پر سڀ کان پهرين هتي پنهنجي اَباڻي ٻوليءَ جي ڪمزوريءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اَسين دل سان چاهيون ٿا تہ اَسان پنهنجي سنڌيت پنهنجي سڃاڻپ کي هميشهہ لاءِ زندهہ رکون پر حالتون ڏسي منجهيل آهيون سمجهہ ۾ ئي نٿو اَچي تہ سنڌيت کي پنهنجي ٻوليءَ کي ڪيئن بچايون.

اَسين جيڪو پنهنجو پيارو وطن سنڌ ڇڏي هتي هند ۾ وسُيا آهيون پر ڪڏهن بہ اِهو ڪنهن بہ شايد سوچيو نہ آهي تہ اَسان پاڻ کان وڏيڪ وڃايو آهي، وڃائي آهي پنهنجي ٻولي، پنهنجي ماتريا شا سنڌي ٻولي جنهن ۾ لاءُ ڏني هئي لولي وڃائي آهي پنهنجي سيپتا.

چوندا آهن تہ ٻار آهن آئيندهہ جا اَبا. شروعات ۾ ئي هنن طرف ڌيان ڏنو وڃي هان تہ اَڄ جيڪا پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي ههڙي حالت ٿي آهي اَهڙي تہ هرگز نہ ٿئي هان سنڌي ٻوليءَ کي هن حال تي پهچائڻ لاءِ مائٽ، ماستر ۽ سماج ئي جوابدار آهي. اَسان پنهنجو پاڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙي هنئي آهي، اِها حقيقت آهي.

شروعات ۾ ئي ننڍين ننڍين اَهم ڳالهين تي ڌيان نہ ڏنو ويو آهي جنهن جو نقصان اَڄ اَسان، اَسان جو سماج ئي ڀوڳي رهيو آهي. اِن کان بہ ڪوبہ اِنڪار ئي نٿو ٿي سگهي. اِسڪول تہ ڇڻ بند ٿي چڪا آهن. هاڻي تہ زبان تي بہ سنڌين نہ ڳالهائڻ جا تالا لڳي رهيا آهن. اَول سنڌي اِسڪول هئا، پرائمري کان هاءِ اِسڪول تائين، هاڻي ڪونهن. اَول سنڌي ماستر ٻارن ڏانهن پورو ڌيان ڏيندا هئا، دل سان، چاهہ سان ٻارن کي سنڌي پڙهائيندا هئا پر آهستي-آهستي هنن جي دلين ۾ سوارٿ پئدا ٿيڻ لڳو ۽ ٻارن طرف ڌيان ڪونہ ڏنو، هوُ بہ وڌيڪ پئسا ڪمائڻ لاءِ اِسڪولن ۾ ٽ هٽ پڙهائڻ لڳا، هنن کي ملندڙ سرڪاري پگهار گهٽ لڳڻ لڳي، ڏنڏوڙيءَ جهڙو سياءُ داخل ٿي ويو ۽ هنن بہ ٻين ٻولين وانگر ٽيوشنن ڏيڻ جو سهارو ورتو جيئن وڌيڪ پئسا ملن.

ڪجهہ سال اڳہ مان پنهنجي ٽيل اَنيوَ مان ئي هڪ ليکہ لکيو هو تہ ''سنڌي تعليم خطري ۾'' جيڪو اَجمير مان نڪرندڙ هندو يومي ساپتاهڪ ۾ شري نانڪرام ايسراڻيءَ ڇپيو هو. اِها اخبار سڄي هندستان ۾ ويندي هئي هتي بہ ايندي هئي . اُهو ليکہ پڙهي هتان جا لوڪل ٽي چار ماستر منهنجي دڪان تي اَچي ڌمڪائي ويا هئا تہ ها برابر اسان کي بہ پيٽ آهي. اَسان کي بہ پئسو گهرجي سرڪار جي ڏنل پگهار پوري نٿي پوي، ٽيوشنيون ڪنداسين، اِسڪولن ۾ گهٽ پڙهائينداسين، ٻار ڪاڏي ويندا پاڻيهي اَسان وٽ ٽيوشنون وٺڻ ايندا. مون ڇيو هئومان تہ هيءَ تہ ٻارن سان نااِنصافي آهي! هنن ۾ ٻارن جو ڪهڙو ڏوهہ!؟ جو توهان هنن کي هيءَ سزا ڏيئي رهيا آهيو؟ توهان جو فرض آهي ٻارن طرف ايمانداريءَ سان، سچائي سان اُنهن کي پاڙهڻ، اُنهن کي قابل بڻائڻ توهان کي جيڪا تڪليف هجي سرڪار کي چئو اُن ۾ ٻارن جو ڪهڙو ڏوهہ!؟ جي ڪي ٻار ٽيوشن نہ وٺي سگهن اُنهن جو ڇا!؟

هنن جو جواب هو تہ ''نہ پڙهائينداسين توڪي جيترا ليکہ لکڻا هجن اوترا لکہ جتي فرياد ڪرڻي هجي اُتي ڪر اَسان کي ڪوبہ فرق پوڻ وارو ڪونهي.'' چئي هوُ هليا يا. اِهو جواب ٻُڌي منهنجي اکين ۾ آنسون اَچي ويا سمجهي ويس تہ هاڻي پنهنجيءَ منڙيءَ سنڌيءَ ٻوليءَ جي انت جي شروعات آهي خطري جي گهنٽي تنهن مهل ئي وڳي هئي منهنجي ڪنن ۾.

۽ آهستي - آهستي اُنهن ئي ماسترن، شاهوڪارن، نہ صرف اِنهن پر سماج سيوڪن، ليڪن بہ پنهنجا ٻار آهستي-آهستي ٻين ٻولين جي اِسڪولن ۾ داخل ڪندا ويا ۽ اِسڪول بند ٿيڻ جي آهستي-آهستي شروعات ٿيڻ لڳي.

سنڌي مائٽ بہ ڌنڌي ۾ مشغول هوندا هئا، پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي پورت ڪرڻ لاءِ هنن ٻارن طرف ڌيان ڪونہ ڏنو هوُ شايد. هنن کي اِهو بہ خيال نہ هو تہ هنن جو ٻار ڪهڙي ڪلاس ۾ پڙهي ٿو، سندن رزلٽ ڪهڙو آهي؟ ڪڏهن بہ هنن پنهنجي ٻارن جو رپورٽ ڪارڊ بہ نہ ڏنو ڪڏهن ٻارن جي پڙهائيءَ جي باري ۾ اِسڪول ۾ وڃي ماستر صاحبن سان پنهنجن ٻارن جي پڙهائيءَ بابت اُنهن جي ڀويشيہ بابت گفتگو چرچا ويچار ٿا نہ ڪئي. هوُ صرف واپاري منورتيءَ ۾ رڌا رهيا هنن کي شايد اِهو تہ ڏيءَ پڙهي ڇا ڪندي!؟ هوءَ تہ ويندي ساهري ۽ ٻار بہ پڙهي ڇا ڪندو ٿورو وڏو ٿيندو، ٿورو پڙهندو، ويهندو تہ آخر دڪان تي ئي نہ هٽئون پاڻ مونکي بہ هٽ وندائيندو ۽ مونکي بہ هٽي ملندي. اِهو سراسر گهور اِنياءُ آهي


દિવાળી, નવ વર્ષ અને ગુરૂનાનક જયંતી નિમિતે સમસ્ત સિન્ધી સમાજને હાર્દિક શુભેચ્છાઓ

|| જય સુન્ધા માતાજી ||

ફોન : ૨૨૮૪૧૫૫૭
મો. : ૯૪૨૬૩ ૪૬૭૦૬
૯૯૨૪૦ ૫૩૨૦૬

જેઠમલ જે. નાગર







રાજવીર

ચવાણા એન્ડ સ્વીટ માર્ટ

માવાની મીઠાઈઓ,

ટેસ્ટફુલ ચવાણુ, ફરાળી વાનગીઓ,

ગરમાગરમ ફરસાણ

દુ. નં. ૧૦, મહાલક્ષ્મી શોપીંગ સેન્ટર, ભાર્ગવ સોસાયટી સામે,
બંગલા એરીયા, કુબેરનગર, અમદાવાદ.

شاعر جي ڪلام جي ڪنهن به مصرع ۾ ڪوبه اهڙو لفظ بدلائي سگهجي ٿو؟'' جو انهيءَ تبديليءَ سان مصرع کي زيادهه موثر يا فصيح بڻائي سگهي يا اُن ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪري سگهي.

هڪ دفعي جڏهن بين جانسن کان پڇيو ويو ته هُو پنهنجي نظم جي ڏهن ڪان به وڌيڪ دفعا تصحيح ڪري ٿو، حالانڪ شيڪسپيئر ڪڏهن به پنهنجي شعر جي ڀيهر اصلاح ڪانه ڪئي. تڏهن جواب ڏنائين ته سندس خيال موجب بهتر ٿئي ها جيڪڏهن شيڪسپيئر ويهه دفعا پنهنجي شعر جي اصلاح ڪري ها. مگر انهيءَ هوندي به زمانو شاهد آهي ته سندس اهو نظم جنهن جي ڏهه دفعا تصحيح ڪئي ويئي آهي اُن ۾ اڃا به اصلاح جي گنجائش باقي آهي. پر شيڪسپيئر جون في البديهه چيل مصرعون اصلاح کان بالاتر آهن ۽ انهن مان گهٽن ۾ ڪنهن به هڪ لفظ جي ڦير گهير سڄي مصرع جي ترنم کي تباهه ڪري ڇڏيندي. بهرحال اهڙي تبديلي سڏاري جي بدران نقصانڪار ثابت ٿيندي.

حقيقت ۾ ڪنهن ورلي شاعر جو ڪلام هن معيار تي پورو بهي سگهندو پر لطيف جي ڪلام ۾ ته فقط هڪ لفظ جي تبديلي به سڄي لئه ۽ ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي. بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بڻائي ٿي. بس اهو امڪان به نه آهي جو ڪنهن به مصرع ۾ رڳو هڪ لفظ به هٽائي يا مٽائي سگهجي. سندس سڄو ڪلام انهيءَ لطيف توازن ۽ نزاڪت جو حاصل آهي. نه فقط هرهڪ مصرع پر هرهڪ لفظ ۽ اُن جي بيهڪ کي هڪ خاص اهميت آهي ۽ اُن جو بدلائڻ محال آهي. دنيا جو ڪوبه شاعر سندس ڪلام جي سڄي ذخيري جي نقطه نگاهه کان هن پرک ۾ پورو بيهي نه سگهندو. ٻين شاعرن کي ته ڇڏيو پر خود شيڪسپيئر جي به ڪيترن ئي مصرعن کي ترميم بعد بهتر سمجهيو ويو آهي. موجوده يوروپي نقادن ڪنهن به شاعر جي شعر کي پرکڻ واسطي اهو ٻيو معيار مقرر ڪيو آهي.

معيار ٽيون: انهن ٻن معيارن کان سواءِ ٽيون معيار پڻ نهايت اهم ۽ ناگزير معيار آهي. اهو معيار آهي زبان جو استعمال جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو. چيو وڃي ٿو ته ملٽن پنهنجي جملي ڪلام ۾ انگريزي زبان جا اٺ هزار لفظ ۽ شيڪسپيئر ١٦ هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. الفاظ جي صحيح استعمال کي درڪنار ڪندي به خيالات جي وسعت کي تورڻ تڪڻ جو هي فقط هڪ طريقو آهي. درحقيقت زبان واري معياري پرک جو اهو (الفاظ جو ڳاڻيٽو) ڪو موضون طريقو نه آهي. سوال آهي ته سورهين صديءَ واري انگريزي زبان اندر خيالات جي اظهار جي وسعت جيڪا شيڪسپيئر پيدا ڪئي اُنهيءَ کان وڌيڪ وسعت پيدا ڪرڻ جو امڪان هو ڇا؟ ٻين لفظن ۾ معيار آهي زبان ۾ وڌ کان وڌ خيالات جي اِظهار لاءِ وسعت پيدا ڪرڻ. سواءِ شيڪسپيئر جي ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪرڻ واري جنهن منزل کي هُو پهتا سا نسبتا گهٽو گهٽ هئي. بمقابلہ انهي ١٨ صديءَ واري سنڌي زبان جي جنهن کي لطيف نباهيو، ويجهايو ۽ وڌايو. ڪنهن کي وهم ۽ گمان به نٿو اچي ته لطيف واري زبان ڪا انهيءَ دؤر واري سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. سنڌي جا وڌ ۾ وڌ هڪ صوبائي محاوري جي منزل تي هئي سا شاهه جي هٿن ۾ هڪ نهايت گرانمايه ۽ وسيع ترين ٻولي بڻجي ويئي تنهن ڪري اُنهيءَ ناگزير معيار مطابق به يورپ جي وڏن نقادن 'آخري معيار' تسليم ڪيو آهي. ڪاميابيءَ جو سهرو لطيف جي سر تي آهي.

مٿي بيان ڪيل ٽيئي معيار دنيا جي نهايت ئي ترقي يافته قومن جا تجويز ڪيل آهن ۽ انهن جي ذريعي اهو آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته سواءِ لطيف جي دنيا جو ڪوبه شاعر انهن تي هر پهلوءَ کان پورو نٿو اچي سگهي. هت اسان تصوف جي گهراين، تخيل جي پرواز شاعراڻي فهم ۽ نظر فطري نغمه سرائي وارن نقطن جو بيان ئي نٿا ڪريون. اِهو هڪ جدا ڳانه باب آهي. اسان هت انهي پهلوءَ کي به نٿا ڪٿون ته شاهه جو شعر ڪيتري قدر اِنساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي روشن ڪري ٿو. اهي جملي نقطا اسان جي محققن جي توجهه جا لائق آهن ۽ انهن تي ڪتابن جا ڪتاب پڙ لکي سگهجن ٿا.

منڙي سنڌي ٻولي

دانويرن جو ڏڻ پِي هاڻي،
ٻولِي ڪين بچائي سگهندو،
''وشيه سنڌي'' پڙهائڻ سان ليڪن،
ٻوليءَ کي ڦهلائي سگهبو.
جڏهن دانوير هن ڪاريه لاءِ،
پنهنجا عملي قدم وڌائيندا،
''سنڌي وشيه'' لازمي ڪرائي،
سنڌي ٻولي بچائيندا.

- يوچراج اين. ڪيماڻي (ٿاڻ-ممبئي)



شاهه جو عالمي شاعرن ۾ مقام

- ڊا. مهاديو لوهاڻا (احمدآباد)

اسان جو موجوده دؤر بين القواليت تي نازان آهي. حالانڪ انهيءَ نظرئي جو بُنياد، ديني توڙي قانوني طور اڄ کان ١٤٠٠ سال اڳي رکيو ويو. پر انهيءَ هوندي به اسين اَڄ به دل سان پڪا قوم پرست آهيون، عجب ته اِهو آهي جو خود مذهبي ڪتابن کي به قومي نظرئي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي جنهن جو لازمي نتيجو اِهو نڪتو آهي جو هر معاملي ۾ ’منهنجو‘ ۽ ’تنهنجو‘ خيال ڪارفرما آهي ۽ انهيءَ ڪري هرڪو پنهنجن شاعرن تي فخر ڪري ٿو. اهڙي خيال ۾ ڪو هرج به ڪونهي بشرطيڪ ڪو صاحب محض ’پنهنجي‘ کي چمڪائڻ خاطر ٻئي جي گهٽتائي نه ڪري. درحقيقت صحيح ذوق حسن مفتود آهي. انهيءَ ڪري ئي حسن کي انهيءَ لاءِ نٿو ساراهيو وڃي اهو حسن آهي پر محض انهيءَ لاءِ ته اِهو منهنجو آهي تنهن ڪري شاهه لطيف متعلق ڪنهن به راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اسان ڪيس انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پيتڻ نٿا گهرون جا اسان جي پنهنجي دل چاهي ٿي. مگر ان لاءِ اسان اهي تنقيدي معيار مدنظر رکنداسين جي ٻاهرين غيرجانبدار ماڻهن مقرر ڪيا آهن. جي اڄوڪي دنيا ۾ مروج آهن.

پهريون معيار : اٽڪل سؤ سال اڳ Cralyle نظم کي ڇڏي نثر اختيار ڪيو ۽ چيائين : ”جيڪڏهن ويد، انجيل ۽ قران به نثر ۾ آهن ته منهنجي لاءِ به اهو ڪافي آهي.“ نظم نويسن جي استفادي خاطر وڏيڪ هينئن به چيو ته : ”جيڪڏهن اوهان جو نظم ڳائڻ جي لائق نه آهي ته اُن کي شعر هرگز نٿو چئي سگهجي ۽ اُن جو لکڻ ئي فضول آهي.“ هاڻ اچو ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکيون پوءِ خواهه ڪٿي اهو شيڪسپيئر هجي يا ملٽن. ۽ ڏسون ته اهو انهي معيار تي پورو اچي ٿو. پر انهيءَ فيصلي کان اڳ اچو ته انهن متعلق جيڪي ڪجهه پاڻ مُرادو طيءِ ٿي چڪو آهي انهيءَ تي غور ڪريون. سوال آهي ته آيا سندن ڪلام هن وقت به ڳائڻ جي لائق آهي يا نه پل ڪٽي درڪنار ڪجي انهيءَ باري ۾ موجود نئين روشنيءَ جو صاحب مبادا مرڪي چوي: ”پر سندن سمورو ڪلام ڪو ڳائڻ جوڳو نه آهي پر اهڙن ٻين عنوانن تي مشتمل آهي جن جو ڳائڻ لازمي نه آهي.“ اهو دليل ڪارلائيل جي نظريي جي عين مطابق نه آهي.

لطيف ڪڏهن به پنهنجن بيتن کي هڪ ڪارنامو ڪري نه ڄاتو چاڪاڻ ته سندس واسطي انهن جي چوڻ ۾ ڪنهن به خاص قسم جي ڪوشش جي ضرورت ئي ڪانه هئي. هُن اهي بيت هڪ اهڙي وجداني ڪيفيت ۾ چيا جنهن ۾ ڪوشش جي گنجائش ئي ڪانه هئي انهيءَ ڪري هُن پنهنجي شعر کي نياپو ڪري سڏيو ۽ سندس شعر جو هرهڪ مصرع بنا ڪنهن خاص تاڪيد جي ڳائجي رهيو آهي. جن ماڻهن سندن ڪلام کي سمجهيو آهي ۽ اُهي ماڻهو جن کي ذري برابر به ڪين سمجهيو آهي سيئي سندس بيتن کي آلاپين پيا. بهرحال سندس شعر ڳائجي پيو ۽ ماڻهن کي ان جي ڳ ائڻ کان ڪير به موڙي نٿو سگهي. هيءَ حقيقت ڪارلائين جي نظرئي جي مڪمل تائيد ڪري ٿي ته بيشڪ شعر اُهو آهي جنهن کي هرهڪ ماڻهو پڙهڻ جي بدران ڳائڻ چاهي.

جيئن اسان راڳ کي آوازن جي تنظيم سمجهون ٿا تيئن هڪ عرب مثنف شعر کي ”لفظن ۾ سمايل راڳ“ ڪري ڄاڻايو آهي يعني ته هوُ انهيءَ نظرئي کي ترجيع ڏئي ٿو ته هر مصرع ترنم جي خصوصيت جو هجڻ شعر جو هڪ لازمي جزو آهي. دنيا جي سيني شاعرن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ اِها پهرين ڪسوٽي آهي.

ممڪن آهي ته ڪو صاحب مختلف شاعرن جي ڪلام جي ضخامت جي هُجت اُٿاري پر انهيءَ ڏس ۾ به لطيف جي ڪلام جو ذخيرو دنيا جي اڪثر وڏن شاعرن جي ڪلام جي ذخيري جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪُجهه آهي. سندس رسالي ۾ ڪم ويس ٣٦ مختلف عنوان آهن ۽ اُنهن مان هرهڪ جا ڪيئي مختلف داستان آهن انهيءَ لحاظ سان به، سواءِ شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي ٻين ڪن ٿورن شاعرن جي ڪلام جو ذخيرو سندس ڀيٽ ۾ ايندو.

معيار ٻيون : ٻئي معيار جي موجوده دؤر جا وڏا وڏا نقاد شعر کي پرکڻ لاءِ تسليم ڪن ٿا سو هي آهي ته : ”آيا



ڏياريءَ تي لڇمي پوڄا ڇو؟

- آشا جڳيشا ’ديال‘ (احمدآباد)

ڏياري کي اَسين رام ڀرت ملڻ ۽ رام جي واپس ايوڌيا اچڻ ڪري ملهائيندا آهيون ڪن جو چوڻ آهي ته رام ڀڳوان وشنو جو اوتار ۽ سيتا ديوي لڇميءَ جو اوتار آهي.

جڏهن رام، ڀرت ۽ ٻين مٽن مائٽن ۽ ايوڌيا واسين سان ايوڌيا جي ٻاهر ڀرت واري ڪُٽيا وٽ مليو ته اُن وقت ڏينهن هو، پر اُتي ميل ميلاپ ڪندي اچي شام ٿي.

اُنهن ڏينهن ۾ بجلي جو نالو نِشان به نه هو اُن وقت ماڻهو هٿ ۾ بتيون-مشعامون ۽ ڏيئا ٻاريندا هئا. جيڪي ايوڌيا واسي ٻاهر نه ويا اُنهن پنهنجن گهرن وٽ وڌيڪ ڏيئا-مشعالون ٻاري گهر جي اَڱڻ کي روشن ڪيو هو. جيئن هوُ پنهنجي راجا رام جي شڪل چڱيءَ طرح ڏسي سگهن. اَڄ به اُها رسم چالو آهي. ميلوڙا مشعالن وانگر ٻاريندا آهن ۽ ڏيئا ٻاري گهر کي روشن ڪندا آهن.

رام ۽ ٻيا سڀ جڏهن ايوڌيا اندر گهڙيا ته ايوڌيا واسين اُنهن مٿان گُل وسائي اُنهن جو سواگت ڪرڻ لڳا اُهي ڏسي هنومان ۽ ٻيا سڀ وائڙا ٿي ويا ته پنهنجي راجا جو سواگت ڪرڻ لاءِ ڪيئن تياري ڪئي آهي.

رام جڏهن محل ۾ وڃڻ وارو هو ته رام پهرين ڪيڪئي جي ڪمري ۾ ويو جتي ڪيڪئي سيتا جي آرتي اُتاري ۽ گُلن سان سواگت ڪيو هو ۽ چيائين لک شڪرانا ماتا راڻي جا جنهن ڪري گهر جي لڇمي صحي سلامت واپس وَرِي آهي. اُن ڏينهن کان عوُرت کي لڇمي جو درجو مليو آهي. گهر جي عوُرت کي گهر جي لڇمي سڏيو ويندو آهي. اِنڪري ڏياري تي لڇميءَ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

اڄ ڪلجڳي ماڻهن کي لڇمي صرف پئسي پنجڙ کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هوُ اُن لڇميءَ کي ڀُلجي ويا آهن جنهن جي ڪيڪئيءَ پوڄا ارچنا ڪئي هئي ڪيڪئيءَ پنهنجي ڀُل لاءِ سيتا کان معافي گُهري هئي. سيتا موٽ ۾ ڪيڪئي کي چيو هو ته توهان وڏا آهيو توهان جو حڪم مڃڻ اسان ننڍن جو فرض آهي اِنڪري پاڻ کي گنهگار نه سمجهو. شايد ان ۾ جڳ جو ڪلياڻ سمايل هو. انڪري توهان جي پٽ راوڻ کي ماري اڌرم کي ناس ڪيو ۽ ڌرم جي جئه جئه ڪار ڪرائي آهي. وڌاتا کي اِئين منظور هو. اِنڪري توهان اَسان ننڍن کي آشيرواد ڏيو ته هميشه اَسين مريادا موجب هلون.

عوُرت ئي گهر کي سُرڳ يا نرڳ بڻائي ٿي. اِئين چوڻ ۾ ايندو آهي. مگر تاڙي ڪڏهن به هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي. اِنڪري ڏوهه ٻنهي جو هوندو آهي مگر گنهگار عوُرت کي ٺهرايو ويندو آهي. مرد پنهنجي هوڏ-آڪڙ ۽ گهمنڊ ۾ منهن مٿي ڪري هلندو آهي ته ماٺ مان آهيان هيٺ ڇو جُهڪان نتيجو گاڏي جو هڪ ڦيٿو مٿي ۽ هڪ هيٺ ٿيندو آهي ۽ گهر گرهستي برابر نه هلندي آهي.

جڏهن مرد پنهنجي آڪڙ کي ڇڏي عوُرت کي جا گهر جي لَڇمي آهي اُن سان برابر پاڻ جهڙو وهنوار ڪندا تڏهن گهر کي سُرڳ بڻائي سگهندا.

اِئين نه آهي ته عوُرت کي آڪڙ نه هوندي آهي ڪي ته مڙس کي نوڪر ڪري هلائينديون آهن. اگر مرد هيٺائين پڪڙي هلندو آهي ته گهر ۾ شانتي رهندي آهي.

ڏياري ڏينهن رام-ڀرت-لڇمڻ ۽ شترگهن ته پاڻ ۾ مليا هئا مگر سيتا سان اُن جون ڀينرون پڻ مليون هيون. اُن ميلاپ کي به ڏياري ڪري چئبو ته غلط نه آهي.

هتي هاڻي ڪلجڳ ۾ ڏياري جي سچي معنيٰ سمجهڻ وارو ته ڪو ورلي هوندو. هن ڪلجڳ ۾ ڏياري معنيٰ آهي فئشن، ادمبر ۽ گهر کي سينگارڻ لاءِ رنگ روغن ۽ بجلي جي جڳمڳ ڪرڻ جنهن ۾ لڇمي اچڻ ته پري رهيو پر جنهن پئسي کي لڇمي سمجهن ٿا اُن کي خرچ ڪرڻ کي ڏياري سمجهندا آهن. اڄ آهي هيءَ ڪلجڳي ڏياري جنهن ۾ پاءُ پاءُ جو منهن نه ڏسي پر ڌارين سان اِئين هلن چڻ ڪو مائٽ آهن. پاڻ کي سُٺو ۽ شاهوڪار ڏيکارڻ لاءِ پئسي جو نقصان ڪن ته به چون ته اَسان ڏياري سُٺي نموني ملهائيندا آهيون. اَسان جهڙو ٻيو ڪوناهي. اگربتي ٻاري پئسن جي پوڄا ڪندا آهن.

واهه ڙي واهه ڪلجڳي ڏياري تنهنجو بول بالا آهي. مگر ماتا راڻي سيني کي سُمت ڏيئي ته اصلي ميلاپ واري ڏياري ملهائين ۽ ڪلجڳي ڏياري کي ڇڏي ميل ميلاپ وڌائين.

مذاحيه



ناءُ چڙهي اَخبارن ۾

- اَمل آهوُجا 'رحمي'

اَهڙو ڪو ڪم ڪريان جيئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾،
ڪِران ڪيرايان يا ڦِران ڦيرايان - جئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
ڪم ڪِني ڪاسائيءَ ڪري، ڪنس اَڄ ٻه بدنام آهي،
ڪُهان ڪنهن تہ ديويءَ پُٽ جيئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
موقعو مست، بيٺو تيار آهي جهلي ڪئميرا فوٽو گرافر،
چُمان چرڻ نيتا جا جهٽ جيئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
لباس اڇي ۾ ظلم ڪريان پڻ خون ۾ ڪات هڻان،
پڪڙي پوليس چڙي تہ ڏيندم، اِئين نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
جوءِ تہ سڀ ڪي پنهنجي لڳي ٿي پياري پر مان،
عام ڪُلئي ٻئي ۾ وڃهان اَڪ جيئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
ويجهو چونڊون 'آيو اَڳوان گهر ٻل تہ آهہ وڙهيل،
سياسيءَ ساڻ سياست هلي هٿ ملايان جيئن نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!
عمر تہ اَڌ ويئي، آيو نيٺ تہ نُسخو ٻہ هٿ پنهنجي،
گڏهہ ڪي چڙي گهوڙو ''رحمي''! پر نانءُ چڙهي اَخبارن ۾!



''تو بِن''

- ناري لڇواڻي (ڀوپال)

سَموُرا رنگ ڦِڪا تو بِن،
اَسين ڪوٺا سِڪا تو بِن.

١. سُهانو ساٿ هو پنهنجو،
گهڻا ڪاڏا ڏِڪا تو بِن.

٢. چَمڪ جيڪا هُئي چوڏر،
لڳي ڪارا ٽِڪا تو بِن.

٣. روئي رنڌڻو، اَٽو، ويلڻ،
روئِن برتن چِڪا تو بِن.

٤. نہ آهين تون، سِڪان ٿو مان،
وِهاڻا هنڌ سِڪا تو بِن.

٥. سَوين ها سُک اَسان سان گڏ،
وڃي ڪاٿي لِڪا تو بِن.

٦. سِهَن ڪِڪيوُن، نہ چُلڪن، پر،
لڳن گُمسُم ڪِڪا تو بِن.



نئين ڪويتا


- جهمٽمل سوني (احمدآباد)

سندر مڪڙي تي
اکين جي نزاڪت
پلڪن جي پيچري مان
نوُر جي نچور
ڪنڌ ۽ ڪلهي تي
وارن جو بادل آڪار
چپن جي چرپر
پر خاموشيءَ سان اِظهار
ڳالهہ ڳلن جي نہ
پر انهن جي چٽڪ لالاڻ جي
ور-ور وارن کي اکين جا اِشارا
چڻ جسم جي جذبني جو
ڪن ٿا بخوبي ذڪر
تنهنجي برقرار بيهڪ
آهي اوچي آبشار جو عڪس
تنهنجي شانت من جي بيقراري
احساس ٿو ڪريان تہ
زندگي آهي، شروعات آهي يا
بي بقا سنسار جو
ڪجهہ وقت لاءِ آڌار آهي.

سنڌي ڀاشا بچايو

ٿين ٿا سيمينار سميلن،
مقصد سِڌ پر ٿئي نٿو،
ڀاڱہ وٺن نوجوان نوان،
پر اِئين ڏسڻ ۾ اچي نٿو.
ڳولهي نوجوانن کي همٿائي،
ڪريون سميلن ۾ شامل،
تہ وڌندو واهپو ٻوليءَ جو،
مقصد پنهنجو ڪريون اِئين حلُ.

- يوڄراج اين. ڪيماڻي (ٿاڻ-ممبئي)



سداحيات سائين
چئنلعل آهوجا

١. چئن لال آهوجا جو مان ڪهڙو ڪريان بيان!
نِهٺو نِماڻو دلبر دوست هئو اَعليٰ اِنسان،
چمڪايو پنهنجو نام رهي هن سنسار ۾.

٢. سادو - سودو سچيار، موهڻي مورت وارو،
هيڏن جو هئو همراهه، سُهڻي صورت وارو،
وِڇائي ويو وارو، ڪري ڪم ڪمال جا.

٣. چئن لال پڪو گانڌيوادي، سچو محب وطن،
کاڌيءَ جا ڪپڙا. پائڻ وارو هيءُ سُهڻو سڄڻ،
هئس خوُب لگن، سنڌي سماج جي شيوا لاءِ.

٤. سنڌي ٻوليءَ جو چاهڪ، سنڌيت سندو شان،
ٻوليءَ کي ٻلوان ٻڻائڻ لاءِ، ڏريو پياري ڏيان،
وڏايو مُرتبو ۾ مانُ، سدا سنڌي قوم جو.

٥. سندن سُپتر ٻه آهن سهڻا سٻاجها نوجوان،
سنڌيءَ ۾ اَخبارون ۾ اَنڪ ڪڍي روشن ڪيو وڏن جو نام،
'داس' سنڌيت سندو جام - پياريندا رهن سنڌي قوم کي.

- چيتانند پرمانندائي ''داس'' (احمدآباد)

سنڌي ساٿي ٽرسٽ


SINDHI SATHI TRUST

Regd. Place J-101, Krishna Avenue, Nr. Sardargram Rly. Crossing, Kubernagar, Ahmedabad-382340.

: Foundar Trustees and Office Bearers :


(M) : 9879018590-9898619137-9106988213-9979566343-7490815885-9824674186-8160319275

President




Mr. Amul Ahuja

Vice President



Mr. Khemchand Asrani

Secretary



Prof. Rameshbhai Jhuremalani

Jt. Secretary



Mr. Ghanshyamdas Chandnani

Treasurer.




Mr. Rajkumar Daswani

Member Trustee



Mr. Suresh Ahuja

Member Trustee



Mr. Bhagwandas Lilani

سنڌي ساٿي ٽرسٽ
ايگزيڪيوٽو بورڊ

ميڊيا عملدار شري اَمل آهوُجا ’رحمي‘ آنرري پرمکہ، ڪاروباري عملدار ڪنسلٽنٽ شري کيمچند آسراڻي اُپ پرمکہ، پروفيسر رميش ڀائي جهوڙيملاڻي سيڪريٽري، پرنسيپال شري گهنشيامداس چندناڻي جائنٽ سيڪريٽري، جهونو معروف ڪلاڪار شري راجڪمار ڏاسواڻي خزانچي، سينيئر پترڪار شري سريش چئنلال آهوُجا سمپادڪ سنڌي اَحوال فائونڊر ٽرسٽي ميمبر، بلڊر شري ڀڳوانداس ليلاڻي آريہ فائونڊر ٽرسٽي ميمبر.

SINDHI SATHI TRUST
(UNITS)

(1) Sindhi Sathi Marriage Manch (2) Sindhi Sathi Bal Manch (3) Sindhi Sathi Youth Manch (4) Sindhi Sathi Women Manch (5) Sindhi Sathi Senior Citizen Manch (6) Sindhi Sathi Pensioners Manch (7) Sindhi Sathi Skill Manch (8) Sindhi Sathi Vocational Manch (9) Sindhi Sathi Education Manch (10) Sindhi Sathi Scholar Manch (11) Sindhi Sathi Health Manch (12) Sindhi Sathi Art Manch (13) Sindhi Sathi Legal Manch (14) Sindhi Sathi Journalisim Manch (15) Sindhi Sathi Social Manch (Panchayat)

''سِنڌي اَحوال''

سچ جي علمبردار هفتيوار اَخبار

سمپادڪ : سريش چئنلال آهوجا
سهه.سمپادڪ : نريش چئنلال آهوجا
لکپڙهه لاءِ ائڊريس : ١٢، سُکمني اَپارٽمينٽ، اي-وارڊ، سهجپور، بوگها، اَحمدآباد-٣٨٢٣٤٥.
رجسٽرڊ ائڊريس : سي-٨٦، ڪبيرنگر، اَحمدآباد-٣٨٢٣٤٠.
سال : ١٤ : ٨ نومبر ٢٠١٧
اَنڪ : ٣٥ (ڏياري- نئين سال جو پرچو)
قيمت : ١٥ روپيا (خاص پرچو)

''سِنڌي احوال''

''سنڌي احوال'' پريوار طرفان وشو ڀر جي سنڌين کي ڏياري-نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون خوب-خوب واڌايون. ايشور جي مهر هر سنڌيءَ تي ٿيندي رهي ۽ گذريل سال کان ٻه وڌيڪ سُکدائڪ ۽ لاڀدائڪ ايندڙ سال ٿئي اهڙي ايشور در اسان جي پرارٿنا آهي.

شڪر گذاري

''سنڌي احوال'' هفتيوار پريوار شڪر گذار آهي اُنهن سيني شهرن جي سنڌي سنسٿائن، پنچايتن، اِشتهار ڏيندڙ واپارين، سنڌي سرڪاري ادارن جيڪي وقت به وقت سنڌي احوال اخبار ۾ اِشتهار ڏياري سهڪار ڏين ٿا. اسان شڪر گذار آهيون اُنهن پاٺڪن جا جيڪي اخبار پابنديءَ سان هر هفتي گهرائي پڙهن ٿا. اسان خاص شڪر گذار آهيون اديب، ساهتيڪار دوستن جا جيڪي نه صرف اخبار پڙهي پنهنجا رايا موڪلين ٿا پر وقت به وقت پنهنجا ليک، رچنائون موڪلي اخبار کي سندر ۽ رچناتمڪ بڻائڻ ۾ مدد روپ ٿين ٿا.



बाल चित्रकार कीर्ति सुरेशकुमार आहुजा द्वारा पैन्सिल सां चितिरियल माता लक्ष्मी देवीअ जो चित्र

Owner, Printer, Publisher & Editor : **Suresh C. Ahuja**, C-86, Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Printed at : Raghuvir Offset, Naroda Road, Ahmedabad.

COR. ADD. : SINDHI AHWAL WEEKLY, 12 Sukhmani Apt., A-ward, New Bunglow Area, Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.


With Best Compliments from
Lachhmandas H. Rohra
Chairman
M. : 93270 12688
HC
HC
FRUITS
Commission Agent For
Fresh Fruits
Regd. Office :
H.C. Complex,
New Fruit Market,Naroda Road,
Ahmedabad-380 025.
Phone :22202506, 22202507
Fax. : 91-79-22200213
Gram : KISMATWALA


| Jai Mata Di | | Jai Shri Krishna |
Since 1990
M. R. LACE INDUSTRIES
+ Manufacturer & Exporter of All types of Narrow Fabrics +
Supplying globally in the field of Narrow Fabrics
Mr. Arjun Utwani
+PRODUCT RANGE+
|Knitted Elastic|Woven Elastic|Lycra Elastic|Braided Elastic|Button Hole Elastic|
|Draw Cord Elastic|Covered Rubber Thread|Spandex Elastic|Luggage Elastic|
MR®
BRAND
NARROW FABRICS
www.mrelastics.com
info@mrelastics.com
M. R. LACE INDUSTRIES
I-11, Shayona Ind. Estate, Memco Circle, Naroda Road, Ahmedabad, Gujarat, India- 380025. Ph. 079-2220 0778
M. R. CORPORATION
1, Agrawal Ind. Estate, Opp. Omkar Textile Mills, Memco, Naroda Road, Ahmedabad, Gujarat - 380025. Ph. 079- 2220 2778
M. R. INDUSTRIES
I-10, Shayona Ind. Estate, Memco Circle, Naroda Road, Ahmedabad, Gujarat, India- 380025. Ph. 079-2220 0778
Contact Persons :
Arjun Utwani 09824123645 Amit Utwani 09879234922 Arun Utwani 09879473444 Vijay Utwani 09879111357

With Best Compliments from :



With Best Compliments From :

Haresh Makhija
Nitesh Makhija
Suresh Makhija

MAKHIJA

079-22812828
9374623401
9376668800

MAKHIJA ENTERPRISE
MAHKIJA FOAM & FABRIC

19, 20, 21, Indraprasth Shopping Centre, Opp. Galaxy Cinema, N.H. No. 8, Naroda, Ahmedabad-382 325. E-mail : makhijaenterprise1993@gmail.com

Haresh (Sonu) Makhija
(M) 98259 28259

Deepak Makhija
(M) 98258 66582

Makhija
HOME DECOR

Ph. (079) 26463786 - 66627777
101 to 103, 1st Floor, Banker House, Nr. Golden Triangle, Opp. Stadium, Navrangpura, Ahmedabad-380006. Gujarat.

Doulat Makhija
Cell. : 9825347377





Ph. (O) 079-22820178
079-22810348

Burma Teak, Ghana Teak, Nigerea Teak, C.P. Teak, Malaysia Wood, Chill Wood, Mango Wood, Plywood & Sunmica etc.

KAMLESH
SAW MILL & TIMBER MART
TIMBER MERCHANTS

Near Galaxy Cinema,
National Highway No. 8,
Naroda, Ahmedabad-382325.

In Sweet & Loving Memories of







Late Shri Santumal
Pohumal Mulani
Expired : 14-12-1992

Late Shri Bhagwandas
Santumal Mulani
Expired : 28-09-2007


Ashokkumar Santumal Mulani
Vijaykumar Santumal Mulani
Jayeshkumar Bhagwandas Mulani
Sumit Ashokkumar Mulani
Dipesh Ashokkumar Mulan
Girish Vijaykumar Mulani
Hardik Vijaykumar Mulani
Rohan Jayeshkumar Mulani

SEMCO BRAIDERS AHMEDABAD

SRICHAND
ENGINEERING & MOULDING CO.

Manufacturers & Exporters of :

QUALITY BRAIDING MACHINES



E- ward, Near Mahavir Kasratshala, Kubernagar, Ahmedabad-382340
(O) 22823131/22823132 (R) 22820219/22821164
Fax : 079-22831794
E-mail : srichandengineering@gmail.com
visit us at : www.srichandengg.com
shok (M) 9825370118 Vijay(M) 9979174474 Jayesh(M) 9825294200

Sweet Memories



Late Smt. Chandradevi Motiram Panjwani
Late Shri Motiram Panjwani
Late Shri Manoharlal Motiram Panjwani



V
Miss U
&
Remember U



PANJWANI PARIVAR

SALEMORE - MOTIRAM SONS - MUMMY MEDICAL - MUMMY PHARMA
SUPER SALES - PERFECT SELECTION - MEET GRAH UDYOG

CHANDAMOTI ENGLISH SCHOOL

(GOVT. RECOGNISED)



MOHAN PANJWANI

B.com. LLB. Advocate

BJP WORKER


KUBERNAGR, AHMEDABAD-382340.

CELL. : 9925703178

Off. G-5, Arjan Complex, Nr. Rajavir Mandir, Kubernagar, Ahmedabad-382340.

In Sweet Loving Memories of

विछिड़िया आहियो पर विसिरिया न आहियो
तव्हां जी असीम आसीस कृपा सां, असां सभेई वधिया आहियूं



Late Shri Tuljaram S. Bhagwani
Exp. 12-5-1963



Late Smt. Padmadevi T. Bhagwani
Exp. 6-8-1994

In Sweet & Loving Memory of our Beloved Parents

Sons :
Girdharilal T. Bhagwani : 9898133960
Vishandas T. Bhagwani : 9824569146

Grand Sons :
Jitu G. Bhagwani : 9824540484
Vicky Bhagwani : 9898617437
Mangesh V. Bhagwani : 9924227665

Maurya J. Bhagwani
Ansh V. Bhagwani

श्रद्धांजली

विछड़िया आहियो पर विसरिया न आहियो, अव्हांजी याद असांजी दिलयुनि में क़ाइम आहे,
परम कृपालु परमात्मा अव्हांजी पवित्र आत्मा खे शांती बख़्शे
अहिड़ी असीं प्रार्थना करियूं था।



سداحيات انيتا پڳوان ساڌواڻي

Ex. 28-4-2014

شيوا ۾ :

شري پڳوان روچيرام (پتي)

منوج، ڪشور (پُٽ)

جشن، آرَوُ، اَرنو (پوٽا)، خوشي، آسمي (پوٽيون)،

لَڪش (ڏوهٽو)، تانيا (ڏوهٽي)

سڳنومل اُتمچنداڻي، سورت (نياڻو)

نيتوُ سڳنومل اُتمچنداڻي (ديءُ)




Design Your Dream Jewellery
ڳُلابراءِ ولرمل جويلرس
ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ
جون سپني کي لکم لکم واڌايون
Rajesh C. Lalchandani
Jewellery Designer
Gold Jewellery - Real Diamond Jewellery - Branded Jewellery - Designer Jewellery - Silver Jewellery - Gold Form Jewellery
Since 1948
Realize your dreams here ...
Gulabrai Vallaramal Jewellers
28-40-41, Devlali Bazar, Kubernagar, Ahmedabad. Ph. No. 22811172, 22831650 (Rajesh) 9824541872, 9099781315. E-mail: rajesh4gvj@yahoo.com
Note : Bring this Cutting & get 25% Discount on (Labour Charges) Till December 2017

ड्रियारी, नऒं साल ऐं गुरुनानक जयंतीअ जूं सभिनी खे ख़ूब-ख़ूब वाधायूं



ड्रियारी, नअें साल ऐं गुरुनानक जयंतीअ जूं सभिनी खे ख़ूब-ख़ूब वाधायूं



Lalchand Vaswani
MD
Gopal Emporium Pvt. Ltd.
Gopal Tower, Maninagar



Ramesh Motiyani
(New Ramesh Kirana)

Dr. Mahadev Lohana
Managing Director
Sindhu Hospital




Ramesh Kriplani
Summel Bussines Park-III,
Ahmedabad.





Raju Tirthani
Raj Trading
Naroda, Patia,
Ahmedabad.



Bhagchand Anandani
Chairman :
SITO'S, Ahmedabad.

Bharat Panjwani
Motiram Sons
Kubernagar



Rajesh K. Ochwani
M.D.
Ahmedabad Coolers





Manu Prithyani
(Social Worker)



Jaykishan Parwani
(Studant & Criketer)

Jitendra Motiani
(M.D. Gan-Kesh Masala)



Mohandas Khemnani
(President : LLSP)



"سنڌي احوال" پريوار طرفان ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني کي خوب-خوب واڌايون

"ڏياري-نئون سال خاص انڪ"





سِنڌي اَحوال

هفتيوار

سمپادڪ : سريش سي. آهوجا
(M) : 7817888191

سهه سمپادڪ : نريش سي. آهوجا
(M) : 8780671345

Page-1

Ahmedabad | 8 Nov. 2017 | Year : 14 | No. : 35 | Rs. 15-00

اسان طرفان ڏياري، نئين سال ۽ گرونانڪ جينتيءَ جون سيني کي خوب-خوب واڌايون




Narendra Somani
(M.D. The Grand Bhagwati)



Dr. Parshotam Harwani
(Director GMF DCL)




Dilip Talreja
(SSD)



Notandas Harwani
(Social Worker)



Dr. Gyan Gunani



Bhisham Ramani
(Buillder Karnavati)



Bhagwan Rochiram
(Builder)



Girdharilal Bhagwani
(Social Worker)



Laxmandas Rohra
(Chairman Fruit Market)



Anil Ahuja
(M.D. Super Bakers)



R. R. Lulla
(Hotel Kings Residency)



Ashok Mulani
(MD Srichand Eng. Co.)



Bhanu Harwani
(Social Worker)



Arjun Utwani
(Director M.R. Group)




Nari Matai
(Builder, Industrilist)



Mohan Panjwani
Social Worker BJP



Dr. Vijay Asrani
(Gold Medlist)



Raju Vaswani
President Ahmedabad
Sindhi Samaj, Maninagar



Vijay Ahuja
(MD Maruti Bread)



Doulat Makhija
(Social Worker)